ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 06 نومبر 2026ع 25 جمادي الاول 1448هہ صفحا 6 - ملهہ 30 رپيا شمارو (83)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دفاعي صلاحيتن جي ترقي ۽ نون چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلسل سکيا اٽل آهي: فيلڊ مارشل

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خميس ڏينهن اسپيشل سروسز گروپ (ايس ايس جي) جي هيڊڪوارٽرز تربيلا جو دورو ڪيو

تربيلا پهچڻ تي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ (جي او سي) ايس ايس جي سنڌس شاندار استقبال ڪيو. آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز يادگار شهداءِ تي گلن جي چادر چاڙهي

فن جديد ترين خصوصي اوزارن ۽ سازو سامان جي نمائش جو مشاهدو پڻ ڪيو ۽ خصوصي آپريشنز سرانجام ڏيڻ ۾ ايس ايس جي ڪمانڊوز جي شاندار جنگي مهارت ۽ پيشہ وراڻي درستگي جو مظاهرو ڏٺو

بدلجندڙ سيڪيورٽي خطرن ۽ ابھرندڙ چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مسلسل تربيت، مقامي صلاحيتن جو فروغ ۽ آپريشنل تيارين تي بنا ڪنهن ٺلهہ جي ڌيان ئي برتري برقرار رکڻ جي لاءِ اهم آهي

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خميس ڏينهن اسپيشل سروسز گروپ (ايس ايس جي) جي هيڊڪوارٽرز تربيلا جو دورو ڪيو تربيلا پهچڻ تي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ (جي او سي) ايس ايس جي سنڌس شاندار استقبال ڪيو. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز يادگار شهداءِ تي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير ايس ايس جي تربيلا جي دوري دوران گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

پي بي اي کي صحافين جي ڀلائي لاءِ نظام ٺاهڻ پوندو: عطاءَ الله تارڙ

صحافين لاءِ ڪو فنڊ قائم نہ ٿين نہ ئي فوت ٿيندڙ صحافين لاءِ ڪو پيڪيج تيار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءَ الله تارڙ چيو آهي تہ ٽي وي چينلز سرڪاري ۽ نجي شعبن کان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات تي تيزي، 100 انڊيڪس ۾ 4 هزار 591 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بينڪون ۽ مالياتي ادارا 9 نومبر تي بند رهندا: اسٽيٽ بينڪ

اسلام آباد (اي پي پي) انٽيٽي ڪنڊ جي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت 104 ارب روپين جا رهائشي قرض ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سال 2026ع جي شروعات کان هيستائين قرضن جي ورچ ۾ 404 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو جنهن سان هزارين خاندانن جي پنهنجن گهرن جو خواب حقيقت ۾ بدلجڻ جو رستو کليو آهي

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام جي باضابطہ شروعات صرف 6 مهينن ۾ گهٽ لاڳت جي رهائشي فنانسنگ جي شعبي ۾ نمايان اڀرائي ٿي ۽ حڪومتي وعدو عملي نتيجي ۾ تبديل ٿي رهيو آهي

90هزار 405 درخواستن جي ٻيٽ ۾ 533 ارب روپين جي ماليت جي قرضن جي منظوري ڏني وئي، مجموعي طور 2 لک 20 هزار 715 درخواستون وصول ٿيون، 41 سيڪڙو درخواستن جي منظوري ڏني وئي

وزيراعظم پاران قوم جي خدمت، پاڪستان جي ترقي ۽ ان کي عالمي دنيا ۾ اعلىٰ مقام ڏيارڻ جي عزم جو اظهار، ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبو 27 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻ غيرمعمولي ڪارنامو قرار

اسلام آباد کي وڏيڪ سرسبز بڻائڻ جي لاءِ وڻن جي لنگهہ ۾ اڃا وڌيڪ اضافو ڪندا سين، وفاقي گاديءَ واري شهر ۾ سفاري پارڪ قائم ڪرڻ جي لاءِ عالمي ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن آهن

انڊر پاس سان اسلام آباد، راولپنڊي، مري ۽ آزاد ڪشمير جي وچ ۾ ٽريفڪ جي رواني ۾ آساني ٿيندي، اهو منصوبو هڪ ارب 45 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي: نائي وزير جي بريفنگ

اسلام آباد (م-د) وزيراعظم محمد شهباز شريف قوم جي خدمت، پاڪستان جي ترقي ۽ ان کي عالمي دنيا ۾ اعلىٰ مقام ڏيارڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ڏينهن رات محنت ۽ اجتماعي ڪوشش جي ذريعي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي منزل حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبو 27 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻ غيرمعمولي ڪارنامو آهي.
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف وزيراعظم فيول رليف پروگرام جي اڳڀرائي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم سان سوڊان جي گهرو وزير جي ملاقات، واپار، سيڙپڪاري ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون تي اتفاق

پاڪستان چاهي ٿو تہ سوڊان پنهنجي موجوده بحران مان نڪري هڪ پرامن، مستحڪم ۽ خوشحال ملڪ جي طور تي ابڀري: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستان ۽ سوڊان پنهي ملڪن جي وچ ۾ زراعت، دفاع، تعليم ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون جا وسيع موقعا مجود آهن

سوڊان جي گهرو وزير مشڪل صورتحال ۾ پاڪستاني حڪومت ۽ عوام پاران فراهم ڪئي ويندڙ انساني ۽ طبي امداد تي پڻ وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ سوڊان جي پراڻي پائداري لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ خاص طور تي واپار ۽ سيڙپڪاري سميت مختلف شعبن ۾ ٻطرفو تعاون وڌائڻ جي خواهش جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان چاهي ٿو تہ سوڊان پنهنجي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسڪولن ۾ جسماني ۽ نفسياتي تشدد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو: وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ هر شاگرد کي محفوظ، پرامن ۽ بهتر تعليمي ماحول
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو يونيورسٽي ۾ 524 ملين کان وڌيڪ بجيٽ خساري جو انڪشاف، بلاول ڀٽو کي بريفنگ

وڏي وزير مراد علي شاهہ يونيورسٽي جي تعليمي، انتظامي ۽ مالي صورتحال بابت پارٽي چيئرمين کي آگاهي ڏني

اداري ۾ پنج فيڪلٽين 16 شعبا ۽ 26 تعليمي پروگرام هلن پيا، هيڪ پاران ڪا بہ گرانٽ ناهي رکي وئي

آريجا مين ڪيمپس جي ٻوڏ سبب متاثر ٿيل عمارتن، ليبارٽرين، هاسٽلن ۽ سهولتن جي بحالي اهم ترجيح قرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خميس ڏينهن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جو دورو ڪيو جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لاڙڪاڻو يونيورسٽي جو افتتاح ڪندي

وزيراعظم پاران ملڪ ۾ پوليو جي ٽارن ڪيسن تي گهٽتي جو اظهار

اسان جو عزم ۽ حوصلو ان چئلينج کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ مضبوط آهي: وزيراعظم

موثر حڪمت عملي جي ذريعي پاڪستان مان پوليو جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائڻو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نجي سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ قانوني سڌارا اٽل آهن: اعظم نذير تارڙ

انصاف جي نظام ۾ سڌارا فقط قانون ناهن پر معاشي سڌارن جو بہ اهم جزُ آهن

پاڪستان سنگاپور ڪنوينشن آن ميڊي ايشن تي صحيح ڪري چڪو آهي: وزير قانون

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ روس ۾ آءِ ٽي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 6 ترجيحي شعبن ۾ پائيداري ٽائين پهچ تي اتفاق

گڏيل منصوبن ۽ عالمي مارڪيٽن تائين پهچ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ 6 ترجيحي شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق ڪيو ويو

آءِ ٽي پاڪستان جي معاشي تبديلي جو هڪ اهم محرڪ بڻجي چڪي آهي ۽ پاڪستان روس سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ نمايان موقعا فراهم ڪري ٿي

ويبينار جي نتيجي ۾ سائبر سيڪيورٽي، انٽرپرائز سافٽ ويئر، مصنوعي ذهانت ۽ ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ جي شعبن ۾ ٺوس ڪاروباري موقعن جي نشاندهي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل معيشت جي شعبن ۾ سهڪار جي نئين دؤر جي شروعات، پنهي ملڪن حڪومتي سطح تي قائم اعتماد کي عملي ڪاروباري پائيدارين، گڏيل منصوبن ۽
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽيءَ جو اشتهارن جا بل ۽ رهيل واجبات جلد ادا ڪرڻ جو مطالبو

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽيءَ جو اجلاس، سنڌ انفارميشن پاران مئي ۽ جون جي بلن جي ادائيگيءَ ۾ دير تي ڳڻتي

اجلاس ۾ اخبارن کي اشتهارن جي مقدار وڌائڻ ۽ بلن جي ادائيگي جلد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي سنڌ ڪميٽي جو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ آمريڪي مدبرہ چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ تقريب، اهم شخصيتن جي شرڪت

جيمخانہ ڪلب ۾ ڊيموڪريٽس جي پنهي پارليامانی ايوانن ۾ ڪاميابيءَ تي ذريعہ ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب ڪرائي وئي

تقريب جي ميزباني ايران ۽ عراق ۾ پاڪستان جي اڳوڻي سفير ۽ نيشنل بينڪ جي اڳوڻي صدر اير بي عباسي ڪئي

اڳوڻي وزير نواب چاڪر ڪرم علي خان، جسٽس (ر) آغا رفيق، اڳوڻي اير اين اي قاضي اسد عابد قاضي سجاد اڪبر ۽ ٻين جي شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪا جي تازين مدبرہ چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس پاران
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آمريڪي مدبرہ چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي ڪاميابي جي خوشي ۾ تقريب دوران اڳوڻو سفير اير بي عباسي، نواب چاڪر ڪرم علي خان پرنس چاڪر ڪرم علي خان چاڪر فاروق علي خان آغا رفيق اڳوڻو اير اين اي قاضي اسد عابد، قاضي سجاد اڪبر رانا عدنان ۽ انور صالح محمد ڪيڪ ڪٽي رهيا آهن

بينچ ۽ بار وچ ۾ عوامي اعتماد لاءِ گڏيل احترام ۽ مسلسل رابطا ضروري آهن: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

چيف جسٽس سان سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل ۽ عهدي چڙهندڙ ڪابينا جي وفد ملاقات ڪئي

بار نمائندن کي عدالتي سڌارن، ڪيسن جي انتظام، ڊجيٽل تبديلي ۽ عوامي سهولتن جي فراهميءَ جي حوالي سان اڳڀرائيءَ کان آگاهي

سال 2025ع تائين داخل ٿيل موت جي سزائن جي اپيلن جا فيصلا ڪيا ويا، 2026ع ۾ داخل ٿيل اپيلن جي ٻڌڻي جاري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي تہ بينچ ۽ بار انصاف جي نظام جا اهم ٿنڀ آهن عدليہ تي عوامي اعتماد مضبوط
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪياماڙي پوليس جون ڪارروايون، 24 ڪلاڪن دوران 16 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪياماڙي ضلعي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مليرَ ۾ صحافي جي گهر مان ليپ ٽاپ ۽ 3 موبائل فون چوري ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: يونين آف جرنلسٽس پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بدين جي ڳوٺ ۾ تعليمي خدمتون ڏيندڙ مڪيش ميگهواڙ کي بين الاقوامي اعزاز

جامع ۽ برابري واري تعليم لاءِ خدمتن عيوض انٽرنيشنل اسڪول نيٽ ورڪس ايوارڊز 2026ع سان نوازيو ويو

ٽنڊي باڳي جي ڏورانهين ڳوٺ ۾ قائم اسڪول ۾ 416 ٻار جديد ۽ ڊجيٽل تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

پٺتي پيل علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ وارين ڪوششون عالمي سطح تي ساراهيون ويون

بدين (د ر) ضلع بدين جي ڳوٺ حاجي جنيد خان لغاري ۾ قائم امن ايليمينٽري اسڪول جي باني ۽ سربراهہ مڪيش ميگهواڙ تعليم جي شعبي ۾ پنهنجي خدمتن جي اعتراف طور بين الاقوامي اعزاز حاصل ڪري ورتو آهي ڪيس دنيا ۾
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بدين: تعليمي خدمتون ڏيندڙ مڪيش ميگهواڙ کي انٽرنيشنل اسڪول نيٽ ورڪس ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

ڪراچي ۾ منائي جي دڪان جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ ڇڙو فوت، ڪيترائي زخمي

منگهوپير روڊ تي قائم دڪان جي تعميراتي ڪم دوران ڇت جو حصو ڪري پيو

مليبي هيٺان دٻجي 42 ورهين جو عبدالباري فوت ۽ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير روڊ تي نيو ناظم آباد فلاءِ اوور پرسان منائي جي دڪان جي ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ هڪ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل تياري ۽ عوامي آگاهي ضروري آهي: مراد علي شاهہ

پاڪستان ۾ سنڌ صوبو قدرتي آفتن دوران سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن مان هڪ آهي

سنڌ حڪومت مستقبل ۾ عوام کي اهڙين آفتن کان بچائڻ لاءِ هنگامي اپاءَ ورتا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل تياري ۽ ذميواراڻو رويو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهہ سان ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جي وفد جا اڳواڻ گڏ بيٺل آهن

سنڌ ۾ جي سمورن ضلعن ۾ 5 هزار 520 عمارتن جي فائر سيفٽي آڊٽ ڪئي وئي

صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ منصوبن جو جائزو ورتو ويو

فائر سيفٽي خامين ختم ڪرڻ ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تيارين تيز ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بحالي ڪاتي بابت سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبائي ڊيزاسٽر
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

صنعتي ترقي ۽ معاشي خودڪفالت لاءِ جديد سائنسي تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي ضروري آهي: جام اڪرام ڌاريجو

صوبائي وزير جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ ٽئين عالمي صنعتي ڪيمسٽري ڪانفرنس ۾ شرڪت

ڪانفرنس ۾ ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن جي ماهرن، محققن، استادن ۽ لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجي چيو آهي تہ جديد سائنسي تحقيق، صنعتي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اطلاعات کاتي ۾ جديد ٽيڪنالاجي لاءِ سائنسي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: يوسف ڪابورو

اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل خبرن جي نشهير، ترقياتي منصوبن ۽ اشاعت بابت بريفنگ ورتي

جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان خبرن ۽ معلومات جي پهچ وڌيڪ اثرائتي بڻائي وڃي: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد يوسف ڪابورو چيو آهي تہ اطلاعات کاتي کي جديد دور جي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي، سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل ڪابينا سان سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات ڪندي

سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن "روشن سنڌ پاڪستان" پورٽل متعارف ڪرائي ڇڏيو

يونيورسٽيون ايڪسل ٽيمپليٽ ذريعي هڪ ئي وقت 60 هزار شاگردن تائين جو رڪارڊ اپلوڊ ڪري سگهنديون

پورٽل ذريعي تعليمي منصوبابندي، داخلا جي نگراني ۽ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هائير
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هٿيارن جي نمائش تي پابندي ۾ هڪ مهيني جي واڌ، نوٽيفڪيشن جاري

رجسٽرڊ خانگي سيڪيورٽي ڪمپنين جي گارڊن کي ڊيوٽي دوران هٿيار رکڻ جي اجازت ڏني وئي

گهرو کاتي پاران گاڏين ۾ سفر ۽ کليل هنڌن تي گشت دوران هٿيارن جي نمائش تي پابندي برقرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران سڄي صوبي ۾ هٿيارن جي نمائش تي پابندي ۾ وڌيڪ هڪ مهيني جي واڌ ڪئي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي ياسين ۾ پ پ اڳواڻ آغا شفيق خان دراني بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سندس لاڏاڻي جي خبر تي سياسي، سماجي ۽ خانداني حلقن ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڦهلجي وئي

عبرت گروپ جي سرواڻ قاضي اسد عابد سميت مختلف شخصيتن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڳڙهي ياسين (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ڳڙهي ياسين اڳواڻ آغا شفيق خان دراني ڪجهہ وقت بيمار رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي ياسين: پ پ اڳواڻ آغا شفيق خان دراني (فائيل فوٽو)

صدر آصف زرداري پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو ورجاءُ ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش

پاڪستان والاريل ڪشمير بابت پنهنجي اصولي موقف تي ثابت قدمي سان قائم آهي: صدر

اسان نومبر 1947ع ۾ جمون ۾ شهيد ڪيل بيگناهہ ڪشميري مسلمانن کي احترام سان ياد ڪندي خراج عقيدت پيش ڪريون

گڏيل قومن جي انساني حقن جي ماهرن پڻ تشدد، حراست هيٺ قتلگين ۽ اجتماعي سزائن بابت رپورٽن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي

دهشتگردي جي خاتمي جو بهانو بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزين يا پوري خاندانن ۽ ڪميونٽي کي اجتماعي سزا ڏيڻ جو جواز نہ ٿو بڻجي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو ورجاءُ ۽ شهداءِ جمون کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان جمون ۽ ڪشمير جي حوالي سان پنهنجي اصولي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ يوم اقبال 9 نومبر تي عام موڪل جو اعلان، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت عظيم شاعر علامہ محمد اقبال جي جنم
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو عمان جي پرڏيهي وزير سان رابطو، ٻطرفي لاڳاپن تي ڳالهيون

پنهي پرڏيهي وزيرن تازي علائقائي ۽ عالمي اڀرائي تي پڻ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي

علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سفارتي رابطا برقرار رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ملڪ جو پهريون ماربل سٽي قائم ٿيندو، سيڙپڪاري ۽ روزگار جا نوان موقعا ملندا: شرجيل ميمڻ

سنگ مرمر ۽ گرينائيٽ جي ذخيرن مان عالمي معيار جون شيون تيار ڪري برآمد ڪري سگهبيون

ماربل سٽي ۾ سيڙپڪارن لاءِ في ايڪڙ زمين جي سراسري قيمت اڍائي ڪروڙ رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز

منصوبي جو باقاعده افتتاح بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهہ ڪندا: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ ڪراچي ۾ پاڪستان جو پهريون ماربل سٽي قائم ڪيو پيو وڃي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڪستان ۽ جرمني ۾ ترقياتي تعاون بابت اسٽريٽجڪ ڊائلاگ مڪمل

هنرمنديءَ کي هٿي وٺرائڻ سميت ترجيحي شعبن ۾ ٻہ طرفو سهڪار مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

جرمن وفد اسلام آباد ۾ مختلف ترقياتي رٿائن جو دورو پڻ ڪيو، منصوبن جي اثرن جو جائزو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ جرمني وچ ۾ ترقياتي تعاون بابت 27-2026ع جو اسٽريٽجڪ ڊائلاگ مڪمل ٿي ويو آهي، ڊائلاگ ۾ موسمياتي تبديلين، توانائي، سماجي تحفظ، پائيدار معاشي ترقي ۽ هنرمنديءَ کي هٿي وٺرائڻ سميت ترجيحي شعبن ۾ ٻہ طرفو سهڪار وڌيڪ مضبوط
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيئر محمد اسحاق ڊار برطانيہ وزير مملڪت ڊين جارويس سان ملاقات ڪندي

سرڪاري آفيسر عوامي خدمت کي قومي ذميواري سمجهي فرض ادا ڪن: ناصر حسين شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني حڪومت، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ٽرانسجينڊرز کي روزگار جا موقعا ڏيڻ جو فيصلو، خواجہ سرا بہ استاد طور ڀرتي ٿي سگهندا: سردار شاهہ

تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ سان ٽرانس جينڊر ڪميونٽي جي وفد ملاقات ڪري مسئلا پيش ڪيا

ملاقات ۾ تعليمي ادارن ۾ داخلا، تعليم جاري رکڻ ۽ مالي توڙي سماجي رڪاوٽن بابت آگاهي ڏني وئي

ڪميونٽي جي مشاورت سان ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي جي مسودي کي حتمي شڪل ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ٽرانس جينڊر ڪميونٽي لاءِ تعليمي موقعن ۾ واڌاري ۽ تعليم پرائڻ ۾ درپيش رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ڪندي ٽرانس جينڊر شاگردن کي سنڌ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کي جديد ماڊل شهر بڻائڻ جي جامع حڪمت عملي تحت 30 ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري

خانگي زمينن تي پهريان کان ٺهيل سوسائٽيز لاءِ اهڙو حل ڪيڊو آهي تہ ماڻهن جا گهر بہ بچن ۽ ڪين ريگيولرائيز بہ ڪيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي تہ گاديءَ واري شهر جي خانگي زمينن تي پهريان کان ٺهيل سوسائٽيز لاءِ اهڙو حل ڪيڊو آهي تہ ماڻهن جا گهر بہ بچن ۽ ڪين
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

تعزيت جو اظهار

انتهائي شفيق محبت ڪندڙ ۽ بهترين انسان

اغا شفيق خان دراني

مرحوم پاڪستان پيپلز پارٽي ڳڙهي ياسين سٽي جو اڳوڻو صدر، اڳوڻي چيف جسٽس فيڊرل شريعت ڪورٽ آف پاڪستان آغا رفيق خان دراني جو ڀاءُ هيو. الله پاڪ مرحوم جي مغفرت فرمائي، سندن درجات بلند فرمائي ۽ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين يا رب العالمين. سندس نمازِ جنازه: ڪالهہ رات 9:00 وڳي ادا ڪئي وئي الله پاڪ سيني وارثن کي صبرِ جميل عطا فرمائي. آمين.

(سوڳوار) دراني فيملي

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 06 نومبر 2026ع 25 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھه 30 وپيه شمارو (83)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دفاعي صلاحيتن جي ترقي ۽ نون چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلسل سکيا اٽل آهي؛ فيلڊ مارشل

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خميس ڏينهن اسپيشل سروسز گروپ (ايس ايس جي) جي هيڊڪوارٽرز تربيلا جو دورو ڪيو

تربيلا پهچڻ تي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ (جي او سي) ايس ايس جي سندس شاندار استقبال ڪيو. آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز يادگار شهداءِ تي گلن جي چادر چاڙهي

هن جديد ترين خصوصي اوزارن ۽ سازو سامان جي نمائش جو مشاهدو پڻ ڪيو ۽ خصوصي آپريشنز سرانجام ڏيڻ ۾ ايس ايس جي ڪمانڊوز جي شاندار جنگي مهارت ۽ پيشيوراڻي درستگي جو مظاهرو ڏٺو

بدلجندڙ سيڪيورٽي خطرن ۽ اڀرندڙ چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مسلسل تربيت، مقامي صلاحيتن جو فروغ ۽ آپريشنل تيارين تي بنا ڪنهن ٽلهه جي ڌيان ڏئي برتري برقرار رکڻ جي لاءِ اهم آهي

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خميس ڏينهن اسپيشل سروسز گروپ (ايس ايس جي) جي هيڊڪوارٽرز تربيلا جو دورو ڪيو. تربيلا پهچڻ تي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ (جي او سي) ايس ايس جي سندس شاندار استقبال ڪيو. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز يادگار شهداءِ تي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل عاصم منير ايس ايس جي تربيلا جي دوري دوران گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

پي بي اي کي صحافين جي ڀلائي لاءِ نظام ٺاهڻو پوندو؛ عطاءُ الله تارڙ

صحافين لاءِ ڪو فنڊ قائم نه ٿيو نه ئي فوت ٿيندڙ صحافين لاءِ ڪو پيڪيج تيار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ٽي وي چينلز سرڪاري ۽ نجي شعبن کان بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات تي تيزي، 100 انڊيڪس ۾ 4 هزار 591 پوائنٽس جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بينڪون ۽ مالياتي ادارا 9 نومبر تي بند رهندا: اسٽيٽ بئنڪ

اسلام آباد (اي پي پي) اسٽيٽ بئنڪ جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام تحت 104 ارب روپين جا رهائشي قرض ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سال 2026ع جي شروعات کان هيستائين قرضن جي ورڇ ۾ 404 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو جنهن سان هزارين خاندانن جي پنهنجي گهرن جو خواب حقيقت ۾ بدلجڻ جو رستو کليو آهي

وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام جي باضابطه شروعات صرف 6 مهينن ۾ گهٽ لاڳت جي رهائشي فنانسنگ جي شعبي ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي ۽ حڪومتي وعدو عملي نتيجي ۾ تبديل ٿي رهيو آهي

90هزار 405 درخواستن جي پيٽ ۾ 533 ارب روپين جي ماليت جي قرضن جي منظوري ڏني وئي، مجموعي طور 2 لک 20 هزار 715 درخواستون وصول ٿيون، 41 سيڪڙو درخواستن جي منظوري ڏني وئي

وزيراعظم پاران قوم جي خدمت، پاڪستان جي ترقي ۽ ان کي عالمي دنيا ۾ اعليٰ مقام ڏيارڻ جي عزم جو اظهار، ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبو 27 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻ غيرمعمولي ڪارنامو قرار

اسلام آباد کي وڌيڪ سرسبز بڻائڻ جي لاءِ وڻن جي لنگر ۾ اڄ وڌيڪ اضافو ڪنداسين، وفاقي گاديءَ واري شهر ۾ سفاري پارڪ قائم ڪرڻ جي لاءِ عالمي ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن

انڊر پاس سان اسلام آباد، راولپنڊي، مري ۽ آزاد ڪشمير جي وچ ۾ ٽريفڪ جي رواني ۾ آساني ٿيندي، اهو منصوبو هڪ ارب 45 ڪروڙ روپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويو آهي: نائب وزير جي بريفنگ

اسلام آباد (م-ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف قوم جي خدمت، پاڪستان جي ترقي ۽ ان کي عالمي دنيا ۾ اعليٰ مقام ڏيارڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڏينهن رات محنت ۽ اجتماعي ڪوشش جي ذريعي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي جي منزل حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. ڪشمير چوڪ انڊر پاس منصوبو 27 ڏينهن ۾ مڪمل ڪرڻ غيرمعمولي ڪارنامو آهي. بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان سوڊان جي گهرو وزير جي ملاقات، واپار، سيڙپڪاري ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون تي اتفاق

پاڪستان چاهي ٿو ته سوڊان پنهنجي موجوده بحران مان نڪري هڪ پرامن، مستحڪم ۽ خوشحال ملڪ جي طور تي اڀري: وزيراعظم شهباز شريف

پاڪستان ۽ سوڊان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ زراعت، دفاع، تعليم ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون جا وسيع موقعا موجود آهن

سوڊان جي گهرو وزير مشڪل صورتحال ۾ پاڪستاني حڪومت ۽ عوام پاران فراهم ڪيل ويندڙ انساني ۽ طبي امداد تي پڻ وزيراعظم جا ٿورا ادا ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ سوڊان جي پراڻي پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ خاص طور تي واپار ۽ سيڙپڪاري سميت مختلف شعبن ۾ ٻطرفو تعاون وڌائڻ جي خواهش جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پاڪستان چاهي ٿو ته سوڊان پنهنجي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسڪولن ۾ جسماني ۽ نفسياتي تشدد ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته هر شاگرد کي محفوظ، پرامن ۽ بهتر تعليمي ماحول بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف وزيراعظم فيول رليف پروگرام جي اڳڀرائي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

لاڙڪاڻو يونيورسٽي ۾ 524 ملين کان وڌيڪ بجيٽ خساري جو انڪشاف، بلاول ڀٽو کي بريفنگ

وڏي وزير مراد علي شاهه يونيورسٽي جي تعليمي، انتظامي ۽ مالي صورتحال بابت پارٽي چيئرمين کي آگاهي ڏني

اداري ۾ پنج فيڪلٽيز، 16 شعبا ۽ 26 تعليمي پروگرام هلن پيا، هيڪ پاران ڪا به گرانٽ ناهي رکي وئي

آريجا مين ڪيمپس جي ٻوڏ سبب متاثر ٿيل عمارتن، ليبارٽرين، هاسٽلن ۽ سهولتن جي بحالي اهم ترجيح قرار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خميس ڏينهن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جو دورو ڪيو جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لاڙڪاڻو يونيورسٽي جو افتتاح ڪندي

وزيراعظم پاران ملڪ ۾ پوليو جي تازن ڪيسن تي ڳڻتي جو اظهار

اسان جو عزم ۽ حوصلو ان چئلينج کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ مضبوط آهي: وزيراعظم

موثر حڪمت عملي جي ذريعي پاڪستان مان پوليو جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائڻو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نجي سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ قانوني سڌارا اٽل آهن: اعظم نذير تارڙ

انصاف جي نظام ۾ سڌارا فقط قانون ناهن پر معاشي سڌارن جو به اهم جُز آهن

پاڪستان سنگاپور ڪنوينشن آن ميڊيا ايشن تي صحيح ڪري ڇڏي آهي: وزير قانون

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ روس ۾ آءِ ٽي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 6 ترجيحي شعبن ۾ پائيداري تائين پهچ تي اتفاق

گڏيل منصوبن ۽ عالمي مارڪيٽن تائين پهچ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ 6 ترجيحي شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق ڪيو ويو

آءِ ٽي پاڪستان جي معاشي تبديلي جو هڪ اهم محرڪ بڻجي چڪي آهي ۽ پاڪستان روس سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ نمايان موقعا فراهم ڪري ٿي

ويبينار جي نتيجي ۾ سائبر سيڪيورٽي، انٽرپرائز سافٽ ويئر، مصنوعي ذهانت ۽ ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ جي شعبن ۾ ٺوس ڪاروباري موقعن جي نشاندهي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ روس وچ ۾ ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل معيشت جي شعبن ۾ سهڪار جي نئين دور جي شروعات، ٻنهي ملڪن حڪومتي سطح تي قائم اعتماد کي عملي ڪاروباري پائيدارين، گڏيل منصوبن ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه سان ٽرانسجينڊر ڪميونٽي جي وفد جا اڳواڻ گڏ بيٺل آهن

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽيءَ جو اشتهارن جا بل ۽ رهيل واجبات جلد ادا ڪرڻ جو مطالبو

اي پي اين ايس سنڌ ڪميٽيءَ جو اجلاس، سنڌ انفارميشن پاران مئي ۽ جون جي بلن جي ادائيگيءَ ۾ دير تي ڳڻتي

اجلاس ۾ اخبارن کي اشتهارن جي مقدار وڌائڻ ۽ بلن جي ادائيگي جلد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي جي سنڌ ڪميٽي جو بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ آمريڪي مڊٽرم چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ تقريب، اهم شخصيتن جي شرڪت

جيمخانه ڪلب ۾ ڊيموڪريٽس جي ٻنهي پارلياماني ايوانن ۾ ڪاميابيءَ تي ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب ڪرائي وئي

تقريب جي ميزباني ايران ۽ عراق ۾ پاڪستان جي اڳوڻي سفير ۽ نيشنل بئنڪ جي اڳوڻي صدر ايم بي عباسي ڪئي

اڳوڻي وزير نواب جام ڪرم علي خان، جسٽس (ر) آغا رفيق، اڳوڻي ايم اين اي قاضي اسد عابد قاضي سجاد اڪبر ۽ ٻين جي شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪا جي تازين 'مڊٽرم' چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس پاران بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آمريڪي مڊٽرم چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس جي ڪاميابي جي خوشي ۾ تقريب دوران اڳوڻو سفير ايم بي عباسي نواب جام ڪرم علي خان پرنس جام ڪرم علي خان جام فاروق علي خان آغا رفيق اڳوڻو ايم اين اي قاضي اسد عابد، قاضي سجاد اڪبر رانا عدنان ۽ انور صالح محمد ڪيڪ ڪٽي رهيا آهن

بينچ ۽ بار وچ ۾ عوامي اعتماد لاءِ گڏيل احترام ۽ مسلسل رابطا ضروري آهن: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

چيف جسٽس سان سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل ۽ عهدو ڇڏيندڙ ڪابينا جي وفد ملاقات ڪئي

بار نمائندن کي عدالتي سڌارن، ڪيسن جي انتظام، ڊجيٽل تبديلي ۽ عوامي سهولتن جي فراهميءَ جي حوالي سان اڳڀرائيءَ کان آگاهي

سال 2025ع تائين داخل ٿيل موت جي سزائن جي اپيلن جا فيصلا ڪيا ويا، 2026ع ۾ داخل ٿيل اپيلن جي ٻڌڻي جاري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته بينچ ۽ بار انصاف جي نظام جا اهم ٿنڀ آهن. عدليه تي عوامي اعتماد مضبوط بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪياماڙي پوليس جون ڪارروايون، 24 ڪلاڪن دوران 16 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪياماڙي ضلعي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ صحافي جي گهر مان ليپ ٽاپ ۽ 3 موبائل فون چوري ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

STOP VICTIMISATION
STOP POLICE TERRORISM
JOURNALISTS ARE NOT CRIMINALS.
HYDERABAD UNION OF JOURNALISTS

حيدرآباد: يونين آف جرنلسٽس پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بدين جي ڳوٺ ۾ تعليمي خدمتون ڏيندڙ مڪيش ميگهواڙ کي بين الاقوامي اعزاز

جامع ۽ برابري واري تعليم لاءِ خدمتن عيوض انٽرنيشنل اسڪول نيٽ ورڪس ايوارڊز 2026ع سان نوازيو ويو

ٽنڊي باگي جي ڏورانهين ڳوٺ ۾ قائم اسڪول ۾ 416 ٻار جديد ۽ ڊجيٽل تعليم حاصل ڪري رهيا آهن

پٺتي پيل علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ واريون ڪوششون عالمي سطح تي ساراهيون ويون

بدين (ڊ ر) ضلع بدين جي ڳوٺ حاجي جئيند خان لغاري ۾ قائم امن ايليمينٽري اسڪول جي باني ۽ سربراهه مڪيش ميگهواڙ تعليم جي شعبي ۾ پنهنجي خدمتن جي اعتراف طور بين الاقوامي اعزاز حاصل ڪري ورتو آهي. ڪيس دنيا ۾ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بدين: تعليمي خدمتون ڏيندڙ مڪيش ميگهواڙ کي انٽرنيشنل اسڪول نيٽ ورڪس ايوارڊ ڏنو پيو وڃي

ڪراچي ۾ مٺائي جي دڪان جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، ڪيترائي زخمي

منگهوپير روڊ تي قائم دڪان جي تعميراتي ڪم دوران ڇت جو حصو ڪري پيو

ملبي هيٺان دٻجي 42 ورهين جو عبدالباري فوت ۽ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير روڊ تي نيو ناظم آباد فلائي اوور پرسان مٺائي جي دڪان جي ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ هڪ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل تياري ۽ عوامي آگاهي ضروري آهي: مراد علي شاهه

پاڪستان ۾ سنڌ صوبو قدرتي آفتن دوران سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ علائقن مان هڪ آهي

سنڌ حڪومت مستقبل ۾ عوام کي اهڙين آفتن کان بچائڻ لاءِ هنگامي اپاءَ ورتا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل تياري ۽ ذميواراڻو رويو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي ياسين: پ پ اڳواڻ آغا شفيق خان دراني (فائيل فوٽو)

ڳڙهي ياسين ۾ پ پ اڳواڻ آغا شفيق خان دراني بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

سندس لاڏاڻي جي خبر ٻڌي سياسي، سماجي ۽ خانداني حلقن ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڦهلجي وئي

عبرت گروپ جي سربراهه قاضي اسد عابد سميت مختلف شخصيتن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڳڙهي ياسين (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ڳڙهي ياسين اڳواڻ آغا شفيق خان دراني ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ هٿيارن جي نمائش تي پابندي ۾ هڪ مهيني جي واڌ، نوٽيفڪيشن جاري

رجسٽرڊ خانگي سيڪيورٽي ڪمپنين جي گارڊن کي ڊيوٽي دوران هٿيار رکڻ جي اجازت ڏني وئي

گهرو کاتي پاران گاڏين ۾ سفر ۽ کليل هنڌن تي گشت دوران هٿيارن جي نمائش تي پابندي برقرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران سڄي صوبي ۾ هٿيارن جي نمائش تي پابندي ۾ وڌيڪ هڪ مهيني جي واڌ ڪئي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن "روشن سنڌ پاڪستان" پورٽل متعارف ڪرائي ڇڏيو

يونيورسٽيون ايڪسل ٽيمپليٽ ذريعي هڪ ئي وقت 60 هزار شاگردن تائين جو رڪارڊ اپلوڊ ڪري سگهنديون

پورٽل ذريعي تعليمي منصوبابندي، داخلا جي نگراني ۽ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هائير بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي، سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل ڪابينا سان سپريم ڪورٽ ۾ ملاقات ڪندي

اطلاعات کاتي ۾ جديد ٽيڪنالاجي لاءِ سائنسي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: يوسف ڪابورو

اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل خبرن جي تشهير، ترقياتي منصوبن ۽ اشاعت بابت بريفنگ ورتي

جديد ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان خبرن ۽ معلومات جي پهچ وڌيڪ اثرائتي بڻائي وڃي: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد يوسف ڪابورو چيو آهي ته اطلاعات کاتي کي جديد دور جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

صنعتي ترقي ۽ معاشي خودڪفالت لاءِ جديد سائنسي تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي ضروري آهي: جام اڪرام ڌاريجو

صوبائي وزير جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ ٽئين عالمي صنعتي ڪيمسٽري ڪانفرنس ۾ شرڪت

ڪانفرنس ۾ ملڪ توڙي ٻاهرين ملڪن جي ماهرن، محققن، استادن ۽ اڪيڊمڪ ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي ته جديد سائنسي تحقيق، صنعتي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جي سمورن ضلعن ۾ 5 هزار 520 عمارتن جي فائر سيفٽي آڊٽ ڪئي وئي

صوبائي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ منصوبن جو جائزو ورتو ويو

فائر سيفٽي خاميون ختم ڪرڻ ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تيارين تيز ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بحالي کاتي بابت سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ صوبائي ڊيزاسٽر بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو ورجاءُ ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش

پاڪستان والاريل ڪشمير بابت پنهنجي اصولي موقف تي ثابت قدمي سان قائم آهي: صدر

اسان نومبر 1947ع ۾ جمون ۾ شهيد ڪيل بيگناهه ڪشميري مسلمانن کي احترام سان ياد ڪندي خراج عقيدت پيش ڪريون

گڏيل قومن جي انساني حقن جي ماهرن پڻ تشدد، حراست هيٺ قتلن ۽ اجتماعي سزائن بابت رپورٽن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي

دهشتگردي جي خاتمي جو بهانو بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزين يا پوري خاندانن ۽ ڪميونٽي کي اجتماعي سزا ڏيڻ جو جواز نه ٿو بڻجي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪشميري عوام سان يڪجهتي جو ورجاءُ ۽ شهداءِ جمون کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جمون ۽ ڪشمير جي حوالي سان پنهنجي اصولي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو عمان جي پرڏيهي وزير سان رابطو، ٻطرفي لاڳاپن تي ڳالهيون

ٻنهي پرڏيهي وزيرن تازي علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي

علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ سفارتي رابطا برقرار رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ يوم اقبال 9 نومبر تي عام موڪل جو اعلان، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت عظيم شاعر علامه محمد اقبال جي جنم بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ملڪ جو پهريون ماربل سٽي قائم ٿيندو، سيڙپڪاري ۽ روزگار جا نوان موقعا ملندا: شرجيل ميمڻ

سنگ مرمر ۽ گرينائيٽ جي ذخيرن مان عالمي معيار جون شيون تيار ڪري برآمد ڪري سگهبيون

ماربل سٽي ۾ سيڙپڪارن لاءِ في ايڪڙ زمين جي سراسري قيمت اڍائي ڪروڙ رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز

منصوبي جو باقاعده افتتاح بلاول ڀٽو زرداري ۽ وڏي وزير مراد علي شاهه ڪندا: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي ۾ پاڪستان جو پهريون ماربل سٽي قائم ڪيو پيو وڃي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڪستان ۽ جرمني ۾ ترقياتي تعاون بابت اسٽريٽجڪ ڊائلاگ مڪمل

هنرمنديءَ کي هٿي وٺرائڻ سميت ترجيحي شعبن ۾ ٻه طرفو سهڪار مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

جرمن وفد اسلام آباد ۾ مختلف ترقياتي رٿائن جو دورو پڻ ڪيو، منصوبن جي اثرن جو جائزو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ جرمني وچ ۾ ترقياتي تعاون بابت 2026-27ع جو اسٽريٽجڪ ڊائلاگ مڪمل ٿي ويو آهي. ڊائلاگ ۾ موسمياتي تبديلين، توانائي، سماجي تحفظ، پائيدار معاشي ترقي ۽ هنرمنديءَ کي هٿي وٺرائڻ سميت ترجيحي شعبن ۾ ٻه طرفو سهڪار وڌيڪ مضبوط بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيئر محمد اسحاق ڊار برطانيه وزير مملڪت ڊين جاروس سان ملاقات ڪندي

سرڪاري آفيسر عوامي خدمت کي قومي ذميواري سمجهي فرض ادا ڪن: ناصر حسين شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني حڪومت، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ٽرانسجينڊرز کي روزگار جا موقعا ڏيڻ جو فيصلو، خواجه سرا به استاد طور ڀرتي ٿي سگهندا: سردار شاهه

تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه سان ٽرانس جينڊر ڪميونٽي جي وفد ملاقات ڪري مسئلا پيش ڪيا

ملاقات ۾ تعليمي ادارن ۾ داخلا، تعليم جاري رکڻ ۽ مالي توڙي سماجي رڪاوٽن بابت آگاهي ڏني وئي

ڪميونٽي جي مشاورت سان ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي جي مسودي کي حتمي شڪل ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ٽرانس جينڊر ڪميونٽي لاءِ تعليمي موقعن ۾ واڌاري ۽ تعليم پرائڻ ۾ درپيش رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ اهم اڳڀرائي ڪندي ٽرانس جينڊر شاگردن کي سنڌ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کي جديد ماڊل شهر بڻائڻ جي جامع حڪمت عملي تحت 30 ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري

خانگي زمينن تي پهريان کان ٺهيل سوسائٽيز لاءِ اهڙو حل ڪيڍو آهي ته ماڻهن جا گهر به بچن ۽ کين ريگيولرائيز به ڪيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته گاديءَ واري شهر جي خانگي زمينن تي پهريان کان ٺهيل سوسائٽيز لاءِ اهڙو حل ڪيڍو آهي ته ماڻهن جا گهر به بچن ۽ کين بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

تعزيت جو اظهار



انتهائي شفيق محبت ڪندڙ ۽ بهترين انسان

آغا شفيق خان دراني

مرحوم پاڪستان پيپلز پارٽي ڳڙهي ياسين سٽي جو اڳوڻو صدر، اڳوڻي چيف جسٽس فيڊرل شريعت ڪورٽ آف پاڪستان **آغا رفيق خان دراني** جو ڀاءُ هيو. الله پاڪ مرحوم جي مغفرت فرمائي، سندن درجات بلند فرمائي ۽ کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. آمين يا رب العالمين. سندس نمازِ جنازه: ڪالهه رات 9:00 وڳي ادا ڪئي وئي

الله پاڪ سيني وارثن کي صبرِ جميل عطا فرمائي. آمين.

(سوڳوار) دراني فيملي

◆◆◆

ايڊيٽوريل

دنيا ۾ جنگين ۽ دهشتگرديءَ سبب وڌندڙ
صفحو 4

محمود شام
پاڪستاني پاڪستان مان مايوس ناهن
صفحو 4

روزاني عبرت

ڀوتاڙي خاندان جو
محمد بخش لوهاڻي
صفحو 4

شازيه انڙ
ڊجيٽل ديوارن پويان اڪيل چئلينج: جڏهن
صفحو 4

چيف ايگزيڪٽو آفيسر حيسڪو جي ميمڻ هائوس مٽياري آمد، شهرين شڪايتن جا دفتر کولي ڇڏيا

حاجي شهزاد ميمڻ چيف ايگزيڪٽو آفيسر کي مٽياري شهر ۾ ٽرانسفارمرن، پراڻين تارن ۽ پراڻين لائينن بابت آگاهي

ماڻهن کي هاڻي سمجهڻو پوندو ته بجلي پئسن سان ٿيندي آهي ۽ اها پئسن سان ئي استعمال ڪبي آهي: حيسڪو چيف

مٽياري شهر سميت اڪثر شهرن ۾ اسان لوڊشيڊنگ فري ايڪسپريس فيڊر چالو ڪيا آهن جنهن تي ڪابه لوڊشيڊنگ ناهي

مٽياري چيف ايگزيڪٽو آفيسر حيسڪو عوام جون شڪايتون ٻڌندي

مٽياري(ڊ ر) چيف ايگزيڪٽو آفيسر حيسڪو فيض ڏاهري جي پنهنجي پوري حيسڪو جي ٽيم سميت پيپلزپارٽي جي نوجوان سياسي سماجي اڳواڻ عوامي ايڪشن ڪميٽي مٽياري جي صدر حاجي شهزاد ميمڻ ۽ حاجي منظور ميمڻ وٽ ميمڻ هائوس مٽياري آمد جي موقعي تي ايم اين اي مٽياري مخدوم جميل الزمان جو آرڊينيٽر سيد ممتاز شاهه ايس اي آپريشن نواب شاهه سرڪل گلزار احمد دستي . چيف انجنيئر ٽرانسميشن اينڊ گرڊ امير احمد ميمڻ ايڪسئين مٽياري راجا اصغر ڳاهوانچارج مانيٽرنگ سيل وليداد چانڊيو ترجمان حيسڪو محمد صادق ڪبر مئنيجر پلاننگ تجمل بيگ، رياض ميمڻ قيوم ميمڻ عبدالرزاق ميمڻ پڻ موجود هئا ان موقعي تي نوجوان سياسي سماجي اڳواڻ حاجي شهزاد ميمڻ چيف ايگزيڪٽو آفيسر کي مٽياري شهر ۾ ٽرانسفارمرن پراڻين تارن ۽ پراڻين لائينن بابت شڪايت کان آگاهه ڪيو ان موقعي تي آيل شهرين حيسڪو چيف اڳيان شڪايتن جا دفتر کولي ڇڏيا چيف ايگزيڪٽو آفيسر حيسڪو موقعي تي ئي متعلقه آفيسرن کي شهرين جي بجلي بابت شڪايتن جي ازالي جون هدايتون جاري ڪيون جنهن بعد حاجي عوامي ايڪشن ڪميٽي جي صدر پاران فيض الله ڏاهري کي شهر جو دارو ڪرائي بجلي بابت مسئلن کان آگاهه ڪيو جنهن تي حيسڪو چيف مٽياري جي بجلي مسئلن جي فوري حل جي يقين ڏهاني ڪرائي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي حيسڪو چيف جو چوڻ هو ته ماڻهن کي هاڻي سمجهڻو پوندو ته بجلي پئسن سان ٿيندي آهي ۽ اها پئسن سان ئي استعمال ڪبي آهي اڪثر ماڻهن جن ۾ اڪثريت ٻهراڙين جي آهي ماڻهن اهو سمجهي ڇڏيو آهي ته بجلي جا ڏيڻا ئي ناهن ان ڪري ئي لوڊشيڊنگ ٿئي ٿي ۽ بجلي جا مسئلا پيدا ٿا ٿين حيسڪو چيف جو چوڻ هو ته مڃون ٿا ته اسان جي صفن ۾ به ڪاريون رڍون آهن پر هاڻي انهن ڪارين رڍن کي ڪڍي باهر اڇلائڻ جو وقت اچي ويو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ حيسڪو چيف جو چوڻ هو ته مڃان ٿو اسان جي سسٽم جي خرابي ۾ ڪجهه هٿ يونين جي ماڻهن جو به آهي جيڪي سموري سسٽم پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن انهن کي به هاڻي برداشت نه ڪيو ويندو هن چيو ته مٽياري شهر سميت اڪثر شهرن ۾ اسان لوڊشيڊنگ فري ايڪسپريس فيڊر چالو ڪيا آهن جنهن تي ڪابه لوڊشيڊنگ ناهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي ته وڌ کان وڌ ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ايڪسپريس فيڊر چالو ڪيا وڃن پر ان لاءِ به بل ڏيڻا پوندا تڏهن ئي بجلي ملي سگهندي

حيدرآباد عدالت سپلا جو نئون آئين رد ڪري ڇڏيو، پراڻو آئين بحال، رٿيل اليڪشن ملتوي

هما نور ۽ سيد حسن اقبال ڪاظمي پاران سينيئر سول جج نمبر 6 جي عدالت ۾ داخل ڪرايل درخواست تي فيصلو اچي ويو

تڪراري نئين آئين کان اڳ نافذ 30 نومبر 2004ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي: عدالت جو حڪم

24 اپريل 2025ع تي ڪنوينشن ۾ منظور ڪرايل نئين آئين تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي، اليڪشن پراڻي آئين تحت ٿيندي

حيدرآباد (بيوروريورٽ) سينيئر سول جج نمبر 6 حيدرآباد جي عدالت سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچرز ايسوسيئيشن (SPLA)جي نئين متعارف ڪرايل آئين تي عملدرآمد روڪيندي 30 نومبر 2004ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد جاري رکڻ جو عبوري حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن بعد سپلاجي نئين آئين تحت ٿيندڙ اليڪشن معطل ٿي وئي آهي عدالت پاران 4 نومبر 2026ع تي جاري ڪيل حڪم ۾ چيو ويو آهي ته 24 اپريل 2025ع تي ٿيل ڪنوينشن ۾ مبينا طور منظور ڪرايل نئين آئين تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي، جڏهن ته پراڻي آئين تحت اڳوڻي قانوني طريقيڪار تي عمل جاري رکيو وڃي عدالتي رڪارڊ موجب مسز هما نور ۽ سيد حسن اقبال ڪاظمي پاران داخل ڪرايل سول مقدمي ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته SPLAجو نئون آئين اڳوڻي آئين مورخه 30 نومبر 2004ع جي آرٽيڪل V۾ ڄاڻايل لازمي قانوني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ کانسواءِ متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن سبب ان جي قانوني حيثيت کي چئلينج ڪيو ويو. مدعين پاران عدالت ۾ نئين آئين کي رد ڪرڻ ۽ مستقل پابنديءَ لاءِ دعويٰ داخل ڪرڻ سان گڏ آرڊر 39 رولز 1 ۽ 2 سي پي سي تحت عبوري حڪم جي درخواست پڻ ڏني وئي هئي عدالت درخواست تي غور ڪرڻ کانپوءِ عبوري طور مدعين جي حق ۾ پرائما فيسي ڪيس (Prima Facie Case) ٺهڻ جو قرار ڏيندي درخواست منظور ڪري ورتي حڪم ۾ مدعا عليه ڌرين سنڌن ايجنٽن ملازمن نمائندن ۽ سنڌن طرفان ڪم ڪندڙ ٻين ماڻهن کي نئين آئين تي عملدرآمد يا ان کي لاڳو ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي عدالت وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته تڪراري نئين آئين کان اڳ نافذ 30 نومبر 2004ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ مدعين جي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي سڌي يا اڻ سڌي رنڊڪ نه وڌي وڃي عدالت واضح ڪيو آهي ته جاري ڪيل حڪم عبوري نوعيت جو آهي ۽ مدعا عليه ڌريون ايندڙ ٻڌڻيءَ تي پنهنجا اعتراض ۽ جواب داخل ڪرائي سگهن ٿيون جنهن کانپوءِ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ ۽ اعتراضن جو جائزو وٺڻ

سڪرنڊ ۾ ”چار گهڙيون چڻ يارن سان“ عنوان تحت ڪچهري

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ جي روحاني مرڪز درگاهه پير ڏاڪري جي سجاده نشين سيد محمد منير شاهه پاران سڪرنڊ شهر جي قلمڪار ۽ ساڃهه وند شخصيتن جي مان ۾ ”چار گهڙيون چڻ يارن سان“ جي عنوان تحت درگاهه شريف تي شاندار ڪچهري ۽ ڊنر جو اهتمام ڪيو ان موقعي تي سيد محمد منير شاهه آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته اصل مقصد دوست گڏ ڪرڻ جو اهو هو جو الحمد سالیانو روحاني اجتماع خير و عافيت سان گذري ويو جنهن جي سڪرنڊ جي صحافين شاندار ڪوريج ڪئي جيڪا توڙي جو سنڌن صحافتي ذميواري هئي پر دل چيو ته هڪ جامع ڪچهري ٿي وڃي هن وڌيڪ چيو ته هونءَ به ههڙيون ڪچهريون ٿيڻ گهرجن ان سان دنيا جو واءِ سواءِ ۽ خاص ڪري پنهنجي شهر جي مسئلن ۽ صورتحال بابت معلومات ملي ٿي سيد منير شاهه اعلان ڪيو ته انشاء الله مان ڇهين مهيني يعني سال ۾درگاهه شريف تي به ڪچهريون ڪرائيندس جنهن ۾ڪچهري به هوندي ته ڊنر به هوندو جنهن تي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي سندس اعلان جي حمايت ڪندي مزاح طور چيو ته اسين هر ٽئين مهيني سال ۾چار ڀيرا به ڪچهري ۽ ماني لاءِ تيار آهيون جنهن تي ڪچهريءَ جو ماحول ڪل پوڳ ۾تبديل ٿي ويو

سنڌ حڪومت پاران شايع ٿيل ”سناتن ڌرم“ جا مقدس ڪتاب تقسيم

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميگهواڙ ڪالوني ملي جي شاگردن ۾ تقسيم ڪيا ويا

پاڪستان هميشه مذهبي رواداريءَ، هم آهنگي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي: مڪيش ڪمار پروهت

ملي (ڊ-ر) سنڌ حڪومت ۽ وزير تعليم سنڌ سيد سردار علي شاهه جي روشن خيال سوچ ۽ پاڪستان هندو ڪائونسل جي تعاون سان مذهبي هم آهنگيءَ واري منشور تحت سنڌ حڪومت پاران شايع ٿيل ”سناتن ڌرم“ جا مقدس ڪتاب گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ميگهواڙ ڪالوني ملي جي شاگردن ۾تقسيم ڪيا ويا ان حوالي سان اسڪول ۾هڪ تقريب ٿي گذري جنهن ۾ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر مڪيش ڪمار پروهت، هيڊ ماسٽر رسول بخش سمون، مهيش راٺي، ننڌلال هيراڻي فوڪل پرسن سنڌ ٽيڪسٽ بڪ درشن ڪمار مهيش ايسراڻي ۽ ٻين استادن شرڪت ڪئي ۽ گائيتري منتر سان تقريب جو آغاز ڪيو مقررين چيو ته پاڪستان هميشه مذهبي رواداريءَ، هم آهنگي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي ۽ هر ڪنهن کي پنهنجي مذهب مطابق زندگي گذارڻ جو پورو پورو اختيار حاصل آهي ۽ هندو ڌرم جي ٻارن کي انهن جي مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ گهرجي.

ملي سنڌ حڪومت پاران شايع ٿيل ”سناتن ڌرم“ جا مقدس ڪتاب تقسيم ڪيا پيا وڃن

هالاڻي ۾ ابراهيم آئي اسپتال جي سهڪار سان مفت آئي ڪيمپ لڳائي وئي

هالاڻي (ن ع) پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي رورل هيلٿ سينٽر (RHC)هالاڻي محرابپور روڊ تي SIOVS۽ ال ابراهيم آئي اسپتال جي سهڪار سان 3 ۽ 4 نومبر تي لڳايل ٻن ڏينهن واري مفت اکين جي ڪيمپ ڪاميابي سان مڪمل ٿي وئي ڪيمپ جو افتتاح رٽائرڊ ميجر ڊي ايم محسن علي ڪلهوڙو نوشهروفيروز ٻي ايم ايس ڊاڪٽر ذوالفقار علي سهتو ۽ ايڊمنسٽريٽر محبوب محسن پلي ريز ڪالي ڪيو ڪيمپ دوران مجموعي طور 152 مريضن فائدو حاصل ڪيو

اسلم خيرپوري جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي: ٿمر جتوئي

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي عوام جو جان مال محفوظ ناهي

ڦورن ڌاڙيلن چورن کي گرفتار ڪرڻ جي غريب شريف ماڻهن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد (پ ر) اسلم خيرپوري جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي کيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي اهڙو اظهار سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ٿمر حيدر جتوئي پريس ريليز جاري ڪندي ڪيو هن چيو ته سنڌ پوليس جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي اسلم خيرپوري کي کهڙي ڏوهه تحت گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي عوام جو جان مال محفوظ ناهي هر طرف بدامني جو راڄ آهي بجائي ڦورن ڌاڙيلن چورن کي گرفتار ڪرڻ جي غريب شريف ماڻهن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي اسين مطالبو ٿا ڪريون سنڌ حڪومت کان ته اسلم خيرپوري کي جلد کان جلد آزاد ڪيو وڃي

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انٽر ڊپارٽمينٽل تقريري مقابلو

سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ نمايان پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

سمورن ججن استادن ۽ شاگردن کي ڀليڪار ڪندي پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي بيورو آف اسٽيڪس طرفان انٽر ڊپارٽمينٽل ته ٻوليائي تقريري مقابلو 2026ع آرٽس فيڪلٽي بلڊنگ جي شيخ اياز آڊيٽوريم ۾منعقد ٿيو جنهن ۾شاگردن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾پنهنجي تقريري صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. هن مقابلي جي ججن ۾سنڌي شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ريحانه ملاح، انسٽيٽيوٽ آف انگلش لينگويج اينڊ لٽريچر جو اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد وسيم ملڪ ۽ اردو شعبي جي ٽيچنگ اسسٽنٽ ثنا شيخ شامل هئا.تقريب جي شروعات ۾بيورو آف اسٽيڪس جي ڊائريڪٽر اجويد احمد پلي پنهنجي آجيان واري خطاب ۾تقريب ۾شرڪت ڪندڙ سمورن ججن استادن ۽ شاگردن کي ڀليڪار ڪندي پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي. ان موقعي تي هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) جي رهنمائي، همت افزائي ۽ اهڙن پروگرامن لاءِ ڀرپور سهڪار ڪرڻ تي ٿورا مڃيندي چيو ته يونيورسٽيءَ ۾اهڙين سرگرمين ۾ٿيل اضافو وائيس چانسلر جي خاص دلچسپيءَ جو نتيجو آهي، جيڪو شاگردن کي معياري تعليم سان گڏ هم نصابي سرگرمين ذريعي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا ڀرپور موقعا فراهم ڪرڻ چاهي ٿو ان موقعي تي ججن پاران جاري ڪيل نتيجن موجب، سنڌي تقريرن جي مقابلي ۾انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي بي بي اي ٽئين سال جي شاگرد ڪيمچند پهرين انٽرنيشنل رليشنز شعبي جي بي ايس پهرئين سال جي شاگردياڻي مسڪان انصاف ٻين جڏهن ته سائيڪالاجي شعبي جي بي ايس ٽئين سال جي شاگرد محمد اسامه ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. اردو تقريرن جي مقابلي ۾انٽرنيشنل رليشنز شعبي جي بي ايس ٻئي سال جي شاگردياڻي شمع شاڪر پهرين سائيڪالاجي شعبي جي بي ايس چوٿين سال جي شاگردياڻي عائشه رانا ٻين جڏهن ته انسٽيٽيوٽ آف جينڊر اسٽڊيز جي بي ايس چوٿين سال جي شاگردياڻي مهڪار ضياءِ ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح انگريزي تقريرن جي مقابلي ۾انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي بي بي اي ٽئين سال جي شاگردياڻي ماه نور سليم پهرين انٽرنيشنل رليشنز شعبي جي بي ايس ٻئي سال جي شاگردياڻي عائزه بتول ٻين جڏهن ته سوشل ورڪ شعبي جي بي ايس ٻئي سال جي شاگردياڻي مسڪان قائمخاني ٽين پوزيشن حاصل ڪئي. ان موقعي پهرين ٻين ۽ ٽين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي شيلڊون ۽ مقابلي ۾حصو وٺندڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. تقريب ۾پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر، ڊاڪٽر عبدالحميد مهيسر ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

سيوهڻ ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي سڏ تي احتجاج

ڪوٽڙي واقعي ۽ باريجا صحافي ڀائرن سان ٿيل ڏاڍاين خلاف احتجاج ڪيو ويو

صحافي باريجا ڀائرن کي ظلم جو نشانو بنايو پيو وڃي جيڪو قبول ناهي: قلم ڏٺي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ ۾حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي سڏ تي صحافين پاران ڪوٽڙي واقعي ۽ باريجا صحافي ڀائرن سان ٿيل ڏاڍاين خلاف صحافي برادري سراپا احتجاج بڻيل آهي، ان حوالي سان ڪالهه نيشنل پريس ڪلب ۾صحافي برادري پلي ڪارڊ ڪٽي نيشنل پريس ڪلب جي صدر ذوالفقار سولنگي، جنرل سيڪريٽري حسين بخش ڏاهري، عارف ميمڻ ڪي ڪي ٻرڙي، قربان پلي جي اڳواڻي ۾ڏاڻل چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڪوٽڙي واقعي جي عدالتي جاچ ڪرايو باريجا ڀائرن جي گهرن تي چڙهائي لٽ مار ۽ عورتن جي ذليل نامنظور سرداري نظام نامنظور جا نعرا لڳايا، ان موقعي تي صحافي اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾چيو ته سرداري ۽ ڀوتارڪي نظام کي قلم ذريعي للڪارڻ تان ڪوٽڙي جي صحافي باريجا ڀائرن کي ظلم جو نشانو بنايو پيو وڃي جيڪو قبول ناهي، صحافي ڀائرن عوام جو آواز اڀاريو پر ڄامشوري جي ڀوتار ڪاوڙجي کين سياسي انتقام جو نشانو بڻايو آهي باريجا ڀائر صحافين جي گهرن تي چڙهائيون ڪري پيچ ڌاهه ڪري عورتن جي ذليل ڪرڻ جي مذمت ڪجي ٿي، باريجا ڀائرن سان ٿيندڙ ظلمن تي انساني حقن جون تنظيمون آواز بلند ڪن احتجاج ۾سينيئر صحافين اعجاز سولنگي، علي بخش سولنگي، مير حمزه سمون، احمد علي اختر علي، دانش سولنگي، اياز پلي، اسد الله ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا. صحافين پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ کي معاملي جو نوٽيس وٺي صحافي ڀائرن سان ٿيل زيادتي جو ازالو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

نوان صوبا قبول ناهن، ايم ڪيو ايم جي ڦوڪٽي مان هوا نڪري وئي: مخدوم فخر الزمان

ايم ڪيو ايم پاران ٻيهر شاهراهه فيصل تي احتجاج ۽ فساد ڪرڻ جا اعلان ڪيا پيا وڃن، امن امان خراب ٿيندو

صوبا ٺهڻ ڪا مذاق ناهي اهڙا معاملا سياسي ۽ آئيني دائري ۾رهندي حل ٿيڻ گهرجن، پنهنجي سياست نه چمڪائڻ گهرجي

سياسي اختلافن جو اظهار جمهوري ۽ قانوني طريقي سان ٿيڻ گهرجي، قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي

مٽياري (ڊ ر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ پيپلز پارٽي جي ايم پي اي مخدوم فخر الزمان چيو آهي ته سنڌ ۾نوان صوبا ڪنهن به صورت ۾قبول ناهن ايم ڪيو ايم جي نئين صوبي بابت بياني مان هوا نڪري وئي آهي صوبا ٺهڻ ڪا مذاق ناهي اهڙا معاملا سياسي ۽ آئيني دائري ۾رهندي حل ٿيڻ گهرجن مخدوم فخر الزمان پنهنجي بيان ۾چيو ته ايم ڪيو ايم پاران ٻيهر شاهراهه فيصل تي احتجاج ۽ فساد ڪرڻ جا اعلان ڪيا پيا وڃن، جنهن سان امن امان جي صورتحال خراب ٿيڻ جو خدشو آهي، هن واضح ڪيو ته ڪنهن کي به قانون هٿ ۾کڻڻ ۽ شهر جو امن خراب ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو، جڏهن ته سياسي اختلافن جو اظهار جمهوري ۽ قانوني طريقي سان ٿيڻ گهرجي. قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. مخدوم فخر الزمان چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو ۽ سنڌ جي عوام جي حقن ۽ وحدت جو هر فورم تي دفاع ڪيو ويندو.

ميرانڪوري شاخ جي ڪپ تي اڌ صدي کان آباد ڪولهي برادري جو بااثر وڏيري خلاف احتجاج

ڪولهي برادري جي مردن ۽ عورتن بااثر وڏيري بابو ملاح ۽ سندس ساٿين پاران زمين تان لڏائڻ خلاف دانهيو

بااثر وڏيرو بابو ملاح پنهنجي ساٿي چندو ۽ ٻين سان گڏجي اسان کي مسلسل حراسان ڪري رهيو آهي: مظاهرين

بااثر ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪڏهن هتان لڏپلاڻ نه ڪئي ته رات جي وقت گهرن کي باهه ڏئي ساڙيو ويندو، نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ٽنڊوالهيار ضلعي جي تعلقي چمبڙ جي ميرانڪوري شاخ جي ڪپ تي اڌ صدي کان آباد ڪولهي برادري جي مردن ۽ عورتن بااثر وڏيري بابو ملاح ۽ سندس ساٿين پاران زمين تان لڏائڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو.ان موقعي تي هنن چيو ته بااثر وڏيرو بابو ملاح پنهنجي ساٿي چندو ۽ ٻين سان گڏجي اسان کي مسلسل حراسان ڪري رهيو آهي ۽ گهر خالي ڪري علائقو ڇڏڻ لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي. هنن الزام هنيو ته بابو ملاح، چندو ۽ ٻين ڌاڙو سنڌن گهرن ۾گهڙي عورتن تي تشدد ڪيو ۽ ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪڏهن هتان لڏپلاڻ نه ڪئي ته رات جي وقت گهرن کي باهه ڏئي ساڙيو ويندو.مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان گذريل پنجاهه سالن کان ميرانڪوري شاخ جي ڪپ تي آباد آهيون. ڪنهن جي به زمين تي ناجائز قبضو ڪري نه ويٺا آهيون. اسان جا گهر، خاندان ۽ ٻارڙا هتي آهن. تنهنڪري اسان ڪنهن به صورت ۾پنهنجا اباڻا گهر ڇڏڻ لاءِ تيار ناهيون.بابو ملاح ۽ سندس ساٿي اسان کي انسان ئي نٿا سمجهن. روزانو بي عزتو ڪري ذهني اذيت ڏني پئي وڃي ۽ خوف واري صورتحال پيدا ڪئي وئي آهي.احتجاج ڪندڙ ڪولهي برادري جي مردن ۽ عورتن سنڌ جي آءِ جي پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ عورتن تي تشدد، زبردستي لڏائڻ ۽ مونجهار ڌمڪين ۾ملوث مبينا جوابدار بابو ملاح، چندو ۽ ٻين خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي شاگردن طرفان ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر ڍنڍ جو مطالعاتي دورو

تاريخدان ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڪيٽي بندر بابت تمام سٺي ڄاڻ ۽ تاريخي ڳالهيون شاگردن سان ونڊ ڪيون

پنهنجي وقت ۾سنڌ جو مشهور ڪيٽي بندر سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾رهيو آهي: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

اهڙا مطالعاتي دوران شاگردن لاءِ نهايت ئي اهم آهن ۽ هيڪ پاران هائر يونيورسٽين ۾فيلڊ ورڪ ضروري قرار ڏنو ويو آهي: ڊاڪٽر شازيه پتافي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي آخري سال جي شاگردن سنڌي شعبي جي استادن ڊاڪٽر شازيه پتافي ۽ ڊاڪٽر نوليب ڪاڪا جي نگراني ۾سنڌ جي مشهور بندرگاهه ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر ڍنڍ جو مطالعاتي دورو ڪيو ان موقعي تي ڪيٽي بندر جي پس منظر جي معلومات ڏيڻ لاءِ رهنما طور ناليوارو ليکڪ ۽ تاريخدان ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ۽ ڪيٽي بندر هاءِ اسڪول جو استاد شڪيل ميمڻ پڻ ساڻ ۾شامل هو جن ڪيٽي بندر بابت تمام سٺي ڄاڻ ۽ تاريخي ڳالهيون شاگردن سان ونڊ ڪيون ان موقعي تي ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ۽ شڪيل ميمڻ شاگردن کي ٻڌايو ته ڪيٽي بندر جو شمار دنيا جي اهم بندرگاهن ۾ٿئي ٿو.هي سنڌ ۾شاهه بندر کان پوءِ وڏو بندر گاهه آهي ۽ هن وقت به هتي ڪيٽي مهاڻا مڇيءَ جو ڪاروبار ڪن پيا. شڪيل ميمڻ ٻڌايو ته 1902ع ۾ڪيٽي بندر جي ميونسپل ڪميٽي جي رڪارڊ موجب ڪيٽي بندر ڪراچي کي ٽيڪس پڻ ڏيندو هو.ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڪيٽي بندر جي ڄڻ بابت ٻڌايو ته پنهنجي وقت ۾سنڌ جو مشهور ڪيٽي بندر سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾رهيو آهي.چيو ويو ٿو ته ڪيٽي بندر ڪڪهڙو اڪثر ۾ٿي انهيءَ علائقي ۾موجود رهيو.جيڪو آڳاٽي زماني کان اتي جي ميربحرن جي ٻيڙين لاءِ استعمال ٿيندو هو.هن وقت جيڪو ڪيٽي بندر آهي سو ويجهڙائي جو ٺهيل آهي ڊاڪٽر مانجهي شاگردن کي ڪيٽي بندر جي مشاهدو ڪرائيندي ٻڌايو ته هي سامهون واري پاسي کان اوڇتو شاخ جو ڇوڙ هوندو هو،جنهن جو پاڻي مٺو پڻ هوندو آهي جيڪو اورتي اچي حجامڙو شاخ سان ملندو آهي سير سفر جي نگران استاد شازيه پتافي اتان جي ٻوليءَ لطيفيات لهجي، ٻولياتي اسلوب ڪيٽي بندر جي تاريخ بابت مختلف موضوعن تي شاگردن کي اسائيمنٽ پڻ ڏني ان موقعي تي ڊاڪٽر شازيه پتافيءَ چيو ته اهڙا مطالعاتي دوران شاگردن لاءِ نهايت ئي اهم آهن ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران هائي يونيورسٽين ۾فيلڊ ورڪ ضروري قرار ڏنو ويو آهي هي علمي دورو ان جي ڪڙي آهي سنڌي شعبي جي استاد ڊاڪٽر نوليب ڪاڪا ڪينجهر جي تاريخ ۽ نوري ڄام تماچي جي داستان بابت شاگردن سان ڪافي ڪارآئتي ڄاڻ ونڊ ڪئي هن ادبي سير ۽ سفر ۾سنڌي شعبي جي آخري سال جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي شاگردن طرفان ڪيٽي بندر ۽ ڪينجهر ڍنڍ جو مطالعاتي دورو ڪيو پيو وڃي

ميهڙ واسين جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا، احتجاج جاري

سياسي سماجي واپاري، سول سوسائٽي جي اڳواڻن جي 54هين ڏينهن به ريلي

شهر ۾ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن: نياز علي ٻرڙو

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ميونسپل ڪاميٽي ۽ انتظاميه جي نااهلي سبب ميهڙ واسين جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي سياسي سماجي واپاري، سول سوسائٽي جي اڳواڻن دڪاندارن ڪائونسلرن ۽ شهرين پاران 54 ڏينهن به هيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو،قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو هاءِ ڪورٽ بار لاڙڪاڻي جي جوائنٽ سيڪريٽري وڪيل عابد ڪلهوڙو، سني ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ حافظ منظور چانڊيو،جي ڊي اي ڪائونسلر محمد اسماعيل بروهي،اناج منڊي جي صدر محبوب ڪوسو،رائيس ملز ايسوسيئيشن جي اڳواڻ اشتياق ٿنيو ڪائونسلر فتاح شاهه زبير سمون، عبدالوهاب سانگي، نبيل پنهور ۽ ٻين چيو ته تڪ جي نمائندن، ضلع ۽ تعلقي انتظاميه جي نااهلي سبب ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن ميهڙ شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن شهر ۾ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن هنن چيو ته تعلقي اسپتال ميهڙ جيڪا گمس حوالي ٿيڻ باوجود به اسپتال ۾ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن ميهڙ ۾ربن ٽائون ڊي ايس پي ون فاءِ انچارج هجڻ باوجود به ميهڙ ۾بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس
ڊويزن، شڪارپور
ويجهو گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول نمبر 2، شڪارپور
No: XEN/FWD/SHP/970 OF 2026 SHIKARPUR DATED: 02-11-2026
Phone: 0726-920186
Email: ewdshikarpur@gmail.com

جايون خالي آهن

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، شڪارپور جي آفيس ۾
بي پي ايس-01 کان بي پي ايس-04 تائين غير فني آسامين تي ڀرتي/ مقرري

ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، شڪارپور پاران هيٺ ڄاڻايل آسامين تي ڀرتي لاءِ ضلع شڪارپور جو ڊوميسائيل ۽ پي آر سي رکندڙ اهل اميدوارن کان درخواستون طلب ڪيون وڃن ٿيون.

S.No.	Name of Post	BPS	No. of Vacancies	Age Limit	Required Qualification & Experience	Domicile & PRC
1	2	3	4	5	6	7
Office of The Executive Engineer Education Works Division Shikarpur						
1	Driver	04	03	18–30 Years	i) Possession of valid Driving Licence. ii) Must be able to maintain the log book. iii) At least three years' experience in the relevant field.	District Shikarpur
2	Pump Operator	04	01		Preferably literate person having three years' experience in the relevant field.	
3	Naib Qasid	02	03		Preferably literate person having three years' experience in the relevant field.	
4	Chowkidar	02	01		Preferably literate person having three years' experience in the relevant field.	

شرط ۽ ضابطا

1. درخواست سان گڏ قومي سڃاڻپ ڪارڊ، ڊوميسائل، پي آر سي، لاڳاپيل دستاويزن ۽ تجربي جي سرٽيفڪيٽ (جيڪڏهن گهربل هجي) جون تصديق ٿيل فوٽو ڪاپيون ۽ پاسپورٽ سائيز جون ٻه تصويرون شامل ڪري، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، شڪارپور جي آفيس ۾ جمع ڪرايون وڃن.
2. درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 25-11-2026 آهي.
3. قاعدن موجب عورتن لاءِ 15 سيڪڙو، اقليتن لاءِ 5 سيڪڙو ۽ ٽرانسجينڊرز لاءِ 0.5 سيڪڙو ڪوٽا لاڳو هوندي.
4. ڊفرنٽلي ايبلڊ پرسنز/ معذور ماڻهن لاءِ مقرر 5 سيڪڙو ڪوٽا تحت ڀرتيون اڳ ۾ ئي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور جي صدارت هيٺ ٿيل ڊسٽرڪٽ سليڪشن ڪميٽي (DSC)جي گڏجاڻين ذريعي ڪيون ويون آهن.
5. جيڪي اميدوار اڳ ۾ ئي سرڪاري ملازمت ۾ آهن، اهي پنهنجي لاڳاپيل کاتي يا مناسب طريقيڪار ذريعي درخواستون جمع ڪرائين.
6. عمر ۾ عام رعايت سنڌ حڪومت جي سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ (SGA&CD)جي قاعدن ۽ تازي نوٽيفڪيشن موجب ڏني ويندي.
7. ڪنهن به قسم جي سفارش يا اثر رسوخ استعمال ڪرڻ جي صورت اميدوار کي نااهل قرار ڏنو ويندو.
8. خالي آسامين جو انگ سنڌ حڪومت جي پاليسي ۽ فيصلي موجب وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿو. جنهن تي ڪنهن کي به اعتراض ڪرڻ جو حق نه هوندو.
9. صرف اهل يا شارٽ لسٽ ڪيل اميدوارن کي ٽيسٽ يا انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
10. چونڊيل اميدوارن / مقرر ڪيل ملازمن کي ٻن سالن جي آزمائشي مدي (پروبيشن) تي رکيو ويندو. جنهن کي وڌيڪ هڪ سال تائين وڌائي سگهجي ٿو.
11. ٽيسٽ يا انٽرويو ۾ شرڪت لاءِ ڪو به سفري الائونس يا روزاني الائونس (TA/DA) نه ڏنو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، شڪارپور

INF-KRY 4998/26
iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT



لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمنٽ
بنگلو نمبر. B-194، بلاڪ- B، SMCH سوسائٽي شاهراهِ فيصل ڪراچي

عام اطلاع

عنوان: ديهه ڄام چڪرو، تعلقو منگهوپير ڪراچي- اولهه ۾ 00-06 ايڪڙ (سروي نمبر 291)، 00-13 ايڪڙ (سروي نمبر 292) ۽ 10-00 ايڪڙ (سروي نمبر 293) ايراضيءَ تي مشتمل، ڪل 29-00 ايڪڙ (NC-54) ايراضيءَ واري لي آئوٽ پلان جي منظوريءَ لاءِ درخواست

هن ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته محمد علي ولد محمد اسماعيل، 29.00 ايڪڙ ايراضيءَ تي مشتمل زمين، جنهن جا سروي نمبر 291، 292، 293 ۽ Naclassنمبر 54 آهن، جيڪا ديهه ڄام چڪرو، منگهو پير، ضلعي ڪراچي ويسٽ ۾ واقع آهي، ان جي لي آئوٽ پلان جي منظوريءَ لاءِ درخواست ڏني آهي. هيءَ درخواست ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي ويسٽ جي آفيس پاران، ليٽر نمبر DC(W)/K/659/2025 تاريخ 10-04-2025 جي ذريعي اڳتي موڪلي وئي آهي. جيڪڏهن ڪنهن به شخص، کاتي يا تنظيم کي ان سلسلي ۾ ڪو اعتراض هجي، ته هو هن نوٽيس جي اشاعت کان 15 ڏينهن جي اندر دستاويزي ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض لکت ۾ ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، لياري وٽ، بنگلو نمبر 194- بي، بلاڪ-بي، ايس ايم سي ايڇ سوسائٽي، شاهراهه فيصل، ڪراچي جي پتي تي جمع ڪرائي سگهي ٿو. مقرر مدي کان پوءِ موصول ٿيندڙ اعتراضن تي غور نه ڪيو ويندو ۽ قانوني ڪارروائي مڪمل ٿيڻ تي لي آئوٽ پلان جي منظوري ڏني ويندي.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (پلاننگ)
لياري ڊيولپمينٽ اٿارٽي

INF-KRY:NO.4996/26
iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 06 نومبر 2026ع

دنيا ۾ جنگين ۽ دهشتگرديءَ سبب وڌندڙ انساني نقصان!

دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جون دعوائون، عالمي ادارن جون ڪوششون ۽ جنگين کي روڪڻ لاءِ ٿيندڙ سفارتي سرگرميون پنهنجي جاءِ تي پر حقيقت اها آهي ته دنيا جي ڪيترن ئي خطن ۾ اڄ به انسان جنگ، دهشتگردي ۽ بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙي رهيا آهن. سال 2026ع جي ٽئين ٽه-ماهي، يعني جولاءِ کان سيپٽمبر تائين دنيا ۾ تڪرارن ۽ دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ موتن ۾ مجموعي طور گهٽتائي ضرور آئي آهي پر اها گهٽتائي دنيا ۾ امن قائم ٿيڻ جي ڪا پڪي نشاني ناهي، ڇاڪاڻ ته ساڳئي عرصي دوران وڳوڙن جي واقعن ۾ واڌ جو لاڙو سامهون آيو آهي. ان صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو ته دنيا اڃا تائين سياسي، معاشي، نسلي، مذهبي ۽ علائقائي تڪرارن جي گهيري ۾ آهي. هن عرصي دوران يوڪرين دنيا جو سڀ کان وڌيڪ جاني نقصان وارو تڪراري علائقو رهيو جتي جنگ جي نتيجي ۾ 16 هزار کان وڌيڪ ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا. يمن ۾ جاري خونريز ويڙهه ۽ حملن سبب 1700 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا، جڏهن ته پاڪستان ۾ تڪرارن ۽ دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن سبب فوتگين جو انگ وڌي 1500 تائين پهچي ويو. انهن انگن اکرن جي پويان هزارين خاندانن جون زندگيون، اجڙيل گهر، يتيم ٿيل ٻار، بيواهه عورتون ۽ مستقبل کان محروم ٿيل نوجوان موجود آهن. يوڪرين ۽ روس وچ ۾ جاري جنگ ڪيترن ئي سالن کان عالمي امن لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهي. هن جنگ نه رڳو ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي پر ان جا اثر سڄي دنيا جي معيشت، واپار، خوراڪ ۽ توانائيءَ جي فراهميءَ تي پڻ پيا آهن. جنگ جي نتيجي ۾ شهرن جا شهر تباهه ٿيا، لکين ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي ٻين علائقن ۽ ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيا ۽ وڏي انگ ۾ عام شهري مارجي ويا. 16 هزار کان وڌيڪ فوتگين جو انگ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جديد هٿيارن ۽ جنگي ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ به عام انسان سڀ کان وڌيڪ نقصان ڀوڳي رهيو آهي. عالمي طاقتن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن به ملڪ جي سياسي ۽ علائقائي مفادن جي حاصلات لاءِ جنگ کي ڊگهو ڪرڻ جي قيمت انساني جانين جي صورت ۾ ادا ڪرڻي پوي ٿي.

يمن جي صورتحال پڻ عالمي ضمير لاءِ هڪ وڏو سوال آهي. سالن کان جاري سياسي ڇڪتاڻ، هٿياربند جهيڙن ۽ ٻاهرين مداخلت سبب هي ملڪ سخت انساني بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. 1700 کان وڌيڪ ماڻهن جي موت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اتي امن امان جي بحالي ڪيتري ضروري آهي. جنگ سبب عام ماڻهن جي زندگي، صحت، تعليم ۽ روزگار جا وسيلا متاثر ٿين ٿا. اهڙين حالتن ۾ رڳو جنگ بندي ڪافي ناهي پر متاثر ماڻهن جي بحالي، خوراڪ، علاج ۽ تعليم جي فراهميءَ کي به يقيني بڻائڻو پوندو. پاڪستان لاءِ ڇاٽايل مهينن جا انگ اکر خاص طور تي ڳڻتيءَ جوڳا آهن، ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ تڪرارن ۽ دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ فوتگين جو انگ هيٺ کان به وڌي 1500 تائين پهچي ويو آهي. اها صورتحال ٻڌائي ٿي ته امن امان جو مسئلو اڃا تائين هڪ وڏو قومي چئلينج بڻيل آهي. پاڪستان هڪ ڊگهي عرصي کان دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ ان جنگ ۾ فوج، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ عام شهرين وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. ان هوندي به حملن ۾ واڌ ۽ جاني نقصان جو وڌڻ ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿو ته موجوده حڪمت عملين جو سنجيدگيءَ سان جائزو ورتو وڃي. رپورٽ ۾ هڪ ٻيو اهم پاسو اهو سامهون آيو آهي ته پاڪستان ۾ ويڙهاڪ گروهن سان منسوب حملن جي نتيجي ۾ فوتگين ۾ واڌ ٿي آهي، جڏهن ته مذهبي گروهن سان منسوب حملن ۾ جاني نقصان گهٽيو آهي. هن فرق کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ بدامنيءَ جا سڀئي سبب هڪجهڙا ناهن. مختلف علائقن ۾ تڪرارن جي نوعيت، انهن جا محرڪ ۽ انهن سان لاڳاپيل گروهه مختلف ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري هر مسئلي کي هڪ ئي نظر سان ڏسڻ بدران ان جي بنيادي سببن تائين پهچڻ ضروري آهي. خاص طور تي بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ سياسي، معاشي ۽ انتظامي قدمن کي گڏ کڻي هلڻو پوندو.

ڇا سج هاڻي نيزي پاند ايندو؟

نور سنڌي

دنيا موسمياتي تبديليءَ جي اهڙي خطرناڪ دور مان گذري رهي آهي، جتي وڌندڙ گرمي، بي ترتيب برساتون، سامونڊي طوفان، ڏڪار، ٻوڏ ۽ ٻيلن ۾ لڳندڙ باهيون انساني زندگيءَ لاءِ وڏو خطرو بڻجي رهيون آهن. سائنسدان خبردار ڪن ٿا ته ايندڙ مهينن ۾ شديد گرميءَ جو خطرو وڌي سگهي ٿو. سپر ايل نينو، فضا ۾ گرمي روڪيندڙ گئسن جي واڌ ۽ قدرتي ماحول جي تباهي گڏجي صورتحال کي وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳو بڻائين ٿا.

ايل نينو هڪ قدرتي موسمياتي عمل آهي، جنهن دوران بحرالڪاهل جي وچولي ۽ اڀرندي حصي جو سامونڊي پاڻي معمول کان وڌيڪ گرم ٿي وڃي ٿو. ان سان دنيا جي مختلف خطن ۾ گرمي، برسات ۽ خشڪيءَ جا نمونا بدلجن ٿا. جڏهن اهو عمل غيرمعمولي شدت اختيار ڪري ٿو ته ان کي سپر ايل نينو چيو وڃي ٿو پر علمي گرميءَ جو ذميوار رڳو ايل نينو ناهي، پر ڪوئلي، تيل ۽ گئس ساڙڻ سان فضا ۾ وڌندڙ گرين هائوس گئسز قدرتي جي گرميءَ کي وڌيڪ وڌائين ٿيون. شڪاگو يونيورسٽيءَ جي موسمياتي اثرن بابت تحقيقي اداري جي رپورٽ 2027ع جي حوالي سان سج باهه وسائڻ جي حوالي سان خطري جي گهنٽي وڄائي ڇڏي آهي، جنهن ۾ گرميءَ سبب ساڍا 4 لک کان وڌيڪ ماڻهن جي مرڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي. اهڙي خدشي سڄي دنيا کي لوڏي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب هن صورتحال جو وڏو اثر غريب ملڪن تي وڌيڪ پوندو. پاڪستان، خاص ڪري سنڌ، گرميءَ جي لهرن، پاڻيءَ جي کوٽ، ٻوڏن ۽ غيريقيني برساتن کان اڳ ئي متاثر آهي. اترين علائقن جا گليشيئر تيزيءَ سان ڳرڻ، دريائن جي وهڪرن ۾ تبديلي، برساتن جي بي ترتيبي ۽ ڊگهي خشڪي مستقبل ۾ پاڻيءَ ۽ زراعت لاءِ وڏا مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. سنڌ جي ڪن علائقن ۾ گرمي پد 50 کان 52 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو خدشو به ظاهر ڪيو ويندو رهيو آهي. ڪراچيءَ ۾ 2015ع جي گرميءَ واري لهر دوران 12 سئو کان وڌيڪ ماڻهو فوت ٿيا هئا. اهو واقعو اسان لاءِ اڄ به سخت خبر آهي. سوال آهي ته انهيءَ صورتحال جو ذميوار ڪير آهي؟ قدرتي موسمياتي تبديليون پنهنجي جاءِ تي ضرور آهن. پر موجوده علمي گرمائش ۾ انساني سرگرمين جو وڏو حصو آهي. ڪارخانن، بجلي گهرن ۽ گاڏين مان نڪرندڙ دونهون، ڪوئلي ۽ تيل جو استعمال، ٻيلن جي تباهي ۽ بي ترتيب شهري اڏاوتون فضا ۾ گرمي روڪيندڙ گئسون وڌائين ٿيون. ترقيءَ جي نالي تي فطرت سان ٿيندڙ زيادتي هاڻي انسان جي پنهنجي بقا لاءِ خطرو بڻجي چڪي آهي.

وڻ ڌرتيءَ جي ماحول جو قدرتي سهارو آهن. اهي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا، ڇانوَ ڏين ٿا، زمين جي نمي برقرار رکن ٿا ۽ گرميءَ جي شدت گهٽائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. پر شهرن، ڳوٺن، روڊن ۽ رهائشي اسڪيمن جي نالي تي وڻ وڍيا وڃن ٿا، ٻيلن تي قبضا ٿين ٿا ۽ انهن جي جاءِ تي ڪنڪريٽ جون عمارتون اڀرن ٿيون. وڻن جي گهٽتائيءَ سان شهر وڌيڪ گرم، هوا وڌيڪ گندي ۽ ماحولياتي توازن ڪمزور ٿئي ٿو.

صنعتي آلودگي به وڏو مسئلو بڻجي چڪي آهي. ڪارخانن جو دونهون ۽ زهريليون گئسون هوا کي، جڏهن ته صفائيءَ کانسواءِ ڇوڙ ٿيندڙ ڪيميائي گندو پاڻي دريائن، ڍنڍن، واهن ۽ زمين کي آلوده ڪري ٿو. صنعتن جي ترقي ضروري آهي، پر انساني صحت ۽ فطرت جي قيمت تي نه. ڪارخانن ۾ دونهين ۽ گندي پاڻيءَ جي صفائيءَ جا جديد نظام لازمي ڪيا وڃن. ايئرڪنڊيشنرن جي وڌندڙ استعمال سان بجليءَ جي گهرج ۽ ٻارڻ مان خارج ٿيندڙ به وڌي سگهي ٿو. ڪجهه پراڻيون ٺڌيون گئسون اوزون تهه لاءِ به نقصانڪار رهيون آهن. تنهنڪري محفوظ، متبادل ۽ صحيح سار سنڀال ضروري آهي.

2027ع جي شديد گرميءَ ۾ بجليءَ جي گهرج تمام وڌي سگهي ٿي، جڏهن لکين ماڻهو ٿڌڪار لاءِ ايئرڪنڊيشنر ۽ پنکا هلائيندا ته بجليءَ جي نظام تي دٻاءُ پوندو، جنهن سبب لوڊشيڊنگ ۽ فراهميءَ ۾ رڪاوٽن جو خطرو وڌندو. ان جو مطلب اهو ناهي ته گرميءَ سبب بجلي سڄي دنيا ۾ بند ٿي ويندي پر ڪمزور ترسيل نظام ۽ بجليءَ جي کوٽ وارن علائقن ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. شمسي پينل سج جي روشنيءَ مان بجلي ٺاهين ٿا پر تمام گهڻي گرميءَ ۾ انهن جي ڪارڪردگي ڪجهه گهٽجي سگهي ٿي. انورٽر ۽ بيٽريون به تيز گرميءَ کان متاثر ٿي سگهن ٿيون. تنهنڪري مناسب تنصيب، هوا جي گذرسفر ۽ سار سنڀال ضروري آهي. شمسي طوفان عام گهريلو شمسي پينلن کي لازمي طور تباهه نٿا ڪن. پر شديد مقناطيسي طوفان بجليءَ جي وڏين گرڊن، سيٽلائيٽن ۽ رابطن جي نظام لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿا.

سج جي سرگرمين جو لڳ ڀڳ 11 سالن وارو چڪر آهي. موجوده 25هين شمسي چڪر جي سرگرمي 2024ع ڌاري عروج جي ويجهو پهتي هئي پر ان کانپوءِ به شمسي سرگرمي جاري رهي سگهي ٿي. شمسي طوفانن کي ڌرتيءَ جي موجوده علمي گرمائش جو بنيادي سبب چوڻ درست ناهي. حڪومتن جي ذميواري آهي ته ماحولياتي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرائين. آلودگي پکيڙيندڙ ڪارخانن جي جاچ ڪن ۽ ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا فرق ڪارروائي ڪن. وڻن جي واڍي روڪي نوان وڻ پوکڻ سان گڏ انهن جي سار سنڀال يقيني بڻائي وڃي. شمسي ۽ هوائي توانائيءَ کي هٿي ڏني وڃي. ڪوئلي ۽ تيل تي ڀاڙڻ گهٽايو وڃي. عوامي آمدرفت بهتر ڪئي وڃي ۽ شهرن جا پارڪ ڪليل ميدان ۽ پاڻيءَ جا قدرتي ذخيرا بچايا وڃن گرميءَ جي لهرن لاءِ اڳواٽ خبرداري، اسپتالن ۾ هنگامي سهولتون، پيئڻ جي پاڻيءَ جا مرڪز ۽ ٻاهر ڪم ڪندڙ مزدورن لاءِ محفوظ وقت مقرر ڪيا وڃن سنڌ ۾ ڪڇي جا ٻيلا، تمر جا وڻ، درياهه، ڍنڍون ۽ ٻورا بچائڻ خاص اهميت رکن ٿا.

عوام کي به پنهنجي ذميواري نڀائڻي پوندي. جهڙوڪ: وڻ پوکڻ ۽ بچائڻ، پاڻي ضايع نه ڪرڻ، ڪچرو ۽ پلاسٽڪ نه ساڙڻ، بجليءَ جو غيرضروري استعمال گهٽائڻ ۽ ماحول صاف رکڻ هر شهريءَ جو فرض آهي. ڌرتيءَ جو بحران صرف حڪومتن جو مسئلو ناهي. ان جو حل به گڏيل ڪوششن سان ئي ممڪن آهي. سج جي تپش، سپر ايل نينو ۽ موسمياتي تبديليءَ جا خطرا انسان کي خبردار ڪري رهيا آهن ته فطرت سان جنگ جو نتيجو انسان جي پنهنجي شڪست آهي. حڪومتون جيڪڏهن اعلانن بدران عملي قدم کڻن ۽ ماڻهو پنهنجي روزمره جي عادتن ۾ تبديلي آڻين ته نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. ٻي صورت ۾ وڻن کان خالي شهر، آلوده هوا، پاڻيءَ جي کوٽ، بجلي بحران ۽ گرميءَ جي لهر ايندڙ نسل جو مقدر بڻجي سگهن ٿيون. ڌرتيءَ جو ساهه بچائڻ کانسواءِ انسان پنهنجي بقا جو تصور به نٿو ڪري سگهي.

پاڪستاني پاڪستان مان مايوس ناهن

محمود شام

واڳها کان گوادر تائين هر صبح اسان کي اِهو يقين ڏياري ٿي ته پاڪستان جي عوام حڪمرانن مان ته مايوس آهي پر پاڪستان مان مايوس ناهي. آهي ماڻهو هر صبح پاڪستان جي وسيلن مان پنهنجا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ نڪري پون ٿا. آئون انهن همت وڌائيندڙ منظرن جو پاڻ اکين ڏٺو شاهد آهيان. مون کي هميشه انهن پاڪستانين جو هم وطن هجڻ تي فخر محسوس ٿيندو آهي

آهي ماڻهو جيڪي رات جو دير تائين جاڳندا آهن ۽ صبح جو سج اڀرندي به ناهن ڏسندا، اونداهيءَ کي پسند ڪندڙ آهي ماڻهو ڇا ڄاڻن ته عام پاڪستاني پنهنجي مستقبل بابت ڪيترو پُراعتماد آهي ۽ ايندڙ وقت لاءِ ڪهڙي قسم جا منصوبا ناهي رهيو آهي هو پنهنجي اولاد کي ايندڙ ڏکيائين ۽ آزمائشن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيئن تيار ڪري رهيو آهي. اسان کي مايوس ڪندڙ ماڻهن لاءِ پاڪستان رڳو اسلام آباد ۽ پنڊيءَ تائين محدود آهي. اسان جيڪي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو گذاري چڪا آهيون، هڪ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا رهندا آهيون. پنهنجي زندگيءَ جي آخري عمر کي جڻ ته سڄي دنيا جي آخري عمر سمجهي، مايوسيءَ جي اونهي کاهيءَ ۾ ڪِري پوندا آهيون. اسان کي لڳندو آهي ته جڻ دنيا به ختم ٿيڻ واري آهي پنهنجي اکين اڳيان ختم ٿيندڙ منظر کي اسان سڄي دنيا جي فنا ٿيڻ جو تصور ڪري ويهندا آهيون. اهڙي موقعي تي ناصر ڪاظمي ياد اچي ٿو

دل تو ميرا اداس □□ ناصر
شہ□ر کيو□ سائيں□ سائيں□ کرتا □□

آئون جڏهن اهڙي گهڙي مايوسيءَ جي حالت ۾ صبح جو پنهنجي گهر جو دروازو کوليندو آهيان ته گهٽيءَ ۾ چڱي خاصي چهل پهل نظر ايندي آهي. ڪڏهن ڪا وين گذرندي نظر ايندي آهي جيڪا يونيفارم پاتل ٻارڙن کي ڪنهن اسڪول ڏانهن وٺي ويندي آهي. سامهون واري گهر جي دروازي تي هڪ ٻاراڻي بيچينيءَ سان 'بابا، بابا' پڪاريندي هوندي آهي ته 'جلدي اچو، اسڪول وڃڻ ۾ دير ٿي رهي آهي' ته ٿي ننڍي عمر جا ڇوڪرا پٺن تي ٿيلها لٽڪائي پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهيون ڪندا، تيز قدم کڻندي گذري رهيا هوندا آهن هڪ ٻائيڪيا وارو به ڪنهن نوجوان کي سندس منزل ڏانهن وٺي وڃي رهيو هوندو آهي

اِهي منظر ڏسي مون کي پنهنجي سوچن تي شرم اچڻ لڳندو آهي. آئون ته رات کان اِهو ئي سوچيندو رهندو آهيان ته مختلف ٽي وي چئنلن تي ويٺل اينڪر پرسن حڪمران جماعت جي سياستدانن ۽ مخالف ڌر جي اڳوائن کي پاڻ ۾ ويڙهائي اهڙو ماحول پيدا ڪري رهيا آهن جڻ ته اسان ڪڏهن به آئيني بحران مان ٻاهر نڪري نه سگهنداسين. منهنجي سڄي رات پاسا ورائيندي گذري ويندي آهي. آئون سوچيندو رهندو آهيان ته شايد هاڻي گهٽيون ويران ٿي چڪيون هونديون. منهنجا هم وطن پنهنجن گهرن جا دروازا بند ڪري مايوسي ۽ ڪاوڙ ۾ ويٺا هوندا پرحقيقت اُن جي بلڪل ابتڙ هوندي آهي. صبح جو سج اڀرڻ سان گڏ منهنجا هم وطن به نئين اميد سان پنهنجي ڏينهن جي شروعات ڪندا آهن منهنجون مائرون، ڀيڻرون، نياڻيون، منهنجا پٽ ۽ پوٽا، سڀ نوان موقعا حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي منزل ماڻڻ جي ارادي سان گهرن مان ٻاهر نڪرندا آهن دنيا ته انهن ئي ماڻهن جي محنت سان هلي رهي آهي ڪنهن به ملڪ جي اڪثريت ئي اُن ملڪ کي آباد ۽ زنده رکندي آهي ملڪ جي روزمره جي ڪاروبار ۽ نظام کي هلائيندڙ اصل ماڻهو آهي ئي هوندا آهن. جيڪي آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ، دڪاندار، پلمبر، مزدور، رازو، صحافي، سليزمين وارا ۽ لوهار هوندا آهن صديون کان وٺي شهر ۽ وستيون انهن ئي هنروارن ماڻهن جي محنت ۽ پورهئي سان ترقي ڪنديون رهيون آهن

جو □م ن□ □و□ تو زماں□ کي سانس رک جائ□
قتيل وقت ک□ سين□ ميں□ □م د□ □کت□ □ي□
قليت محلات ۾ ليوں□ ۾ قبض□ کر ليتي □□□

ڪڏهن بادشاهتون، ڪڏهن نالي ماتر جمهوريتون ته ڪڏهن فوجي حڪومتون پر هر دور ۾ ڪجهه مخصوص خاندان ئي ملڪ تي حاوي رهندا آهن انهن کي اِهو غرور هوندو آهي ته ملڪ آهي ئي هلائي رهيا آهن جڏهن ته حقيقت ۾ آهي رڳو پنهنجا گهر، پنهنجون شگر ملون، پنهنجا ادارا ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجا ڪاروبار هلائي رهيا هوندا آهن ملڪ ته اصل ۾ انهن غريب ۽ پورهيت ماڻهن جي سهاري هلي ٿو، جيڪي مٽيءَ سان لاڳاپيل آهن پهري انهن کي پيٽ پالڻ لاءِ هڪ کان وڌيڪ نوڪريون جو نه ڪرڻيون پون. پهري ڪين انتهائي ڏکيائين ۽ تڪليفن ۾ زندگي جو نه گذارڻي پوي. سوچيو ته هن وقت ملڪ ۾ صدر ڪان وٺي هڪ عام پوليس سپاهي تائين جيڪي به وڏن ۽ ننڍن عهدن تي ويٺل آهن ڇا انهن مان ڪنهن جو اسان جي زندگيءَ تي، اسان جي ڪروڙين ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ تي ڪو سٺو اثر پوي ٿو؟ بلوچستان جي هر عام ماڻهوءَ کان وٺي سنڌ جي هر ماڻهوءَ تائين، پنجاب جي ماڻهن کان وٺي خيبر پختونخوا جي رهواسين تائين، گلگت بلتستان جي غريبن کان وٺي آزاد ڪشمير جي ڏتڙيل ماڻهن تائين ڇا وفاقي ۽ صوبائي حڪمرانن کي انهن جي ڪا ڳڻتي آهي؟ ڇا اهي ڪڏهن سوچين ٿا ته هي ڪروڙين ماڻهو پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون ڪهڙين ڏکيائين ۾ گذاري رهيا آهن؟ انهن حڪمرانن جي زندگي ته پاڻمرادو آسانيءَ سان گذري ويندي آهي پر اصل زندگيءَ جي جنگ ته ملڪ جي اڪثريت وڙهي رهي آهي عام ماڻهوئي هر روز ڏکيائين سان مقابلو ڪري پنهنجي زندگيءَ جو گاڏو هلائي رهيا آهن

پنهنجي صحافتي زندگيءَ دوران مون کي پاڪستان جي ننڍن وڏن شهرن ۾ صبح جو منظر ڏسڻ جو هميشه شوق رهيو آهي صبح جا اهي منظر ڏسي مون کي هر ڀيري نئون اتساهه ۽ همت ملندي رهي آهي مون ڪڏهن بلوچستان جي ڏورانهن علائقن نوشڪي، لورالائي ۽ قلات ۾ صبح سوير ڏٺو آهي ته منهنجا هم وطن ڪهڙي جذبي ۽ ارادي سان پنهنجي ڪم ڪار ۾ لڳي ويندا آهن دڪان کلي رهيا هوندا آهن. سوزوڪين ۾ منڊيءَ مان آنديون ويندڙ ڀاڄيون دڪانن تائين پهچايون پيون وڃن ۽ محنتي نوجوان هٿن ۾ ڪهاڙيون ۽ هٿوڙا کڻي فٽ پاٿن تي ويٺل هوندا آهن اهڙا ئي منظر مون کي سنڌ جي ڪراچي، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، موري ۽ ٿر ۾ به ڏسڻ ۾ آيا آهن. اهڙي ئي محنت ۽ جذبي سان ماڻهن کي مردان، سوات، چترال ۽ پشاور ۾ به ڪم ڪندي ڏٺو اٿم. پنجاب جي شهرن جهڙوڪ جهلم، ملتان، بهاولپور، جهنگ، لاهور ۽ گجرات ۾ به اهي پورهيت ساڳئي ارادي ۽ همت سان پنهنجي ڪم ۾ لڳل نظر آيا آهن. آزاد ڪشمير جي مظفرآباد، ميرپور ۽ راولاڪوٽ ۾ به مون الله جي انهن ٻندن کي ڏٺو آهي. جيڪي پنهنجي ماضي ۽ حال کي سنڀاليندي، پنهنجي مستقبل کي بهتر بڻائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن. هاري صبح ٿيڻ کان اڳ ئي پنهنجن ٻنين ڏانهن روانا ٿي ويندا آهن. اسان جي ملڪ جي اڪثريت تمام ڏکي زندگي گذاري رهي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ماڻهن کي پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت آهي ۽ الله تعاليٰ مان اميدون آهن. ڪين يقين آهي ته جيڪڏهن هو ڏکين حالتن کي منهن ڏيندا رهندا ته هڪ ڏينهن اهڙي سهڻي صبح ضرور ايندي، جيڪا سندن لاءِ خوشين ۽ سٺين اميدن جي خوشخبري کڻي ايندي.

ملڪ ۾ نئين ٽيڪنالاجي اچي رهي آهي پر حڪمرانن ماڻهن کي اها سکڻ ۽ اُن جي تربيت ڏيڻ لاءِ ڪا خاص سهولت فراهم نه ڪئي آهي عام پاڪستاني پاڻ ئي نيون شيون سکي رهيا آهن موبائل فون به حڪمرانن ڪين مفت ۾ فراهم نٿا ڪن پر پاڪستاني انهن جديد اوزارن کي پنهنجي لاءِ آساني پيدا ڪرڻ جو ذريعو سمجهن ٿا. ان ڪري هو پاڻ ئي انهن کي هلائڻ ۽ انهن جي استعمال جا طريقا سکي رهيا آهن ملڪ ۾ روزگار جا نوان نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن سفر جون سهولتون وڌي رهيون آهن ۽ پارٽي تي گاڏيون هلائڻ جهڙا ڪم به شروع ٿي ويا آهن نوجوان پاڻ ئي انٽرنيٽ استعمال ڪرڻ سکي رهيا آهن هزارين نه پر لکين ماڻهو روزگار جا نوان ذريعا ۽ نوان ڌنڌا اختيار ڪري چڪا آهن يوٽيوب تي وڊيوز ٺاهيندڙ ماڻهو وڏي انگ ۾ پاڪستان جي مختلف علائقن ۽ خوبصورت هنڌن کي دنيا آڏو پيش ڪري رهيا آهن اهي اهڙا منظر ڏيکاري رهيا آهن جيڪي نه حڪومت ڏيکاري ٿي ۽ نه ئي اسان جا ٽي وي چئنل پاڪستاني پاڻ به ڪيترين ئي نيون نيون شيون ناهي ۽ ايجاد ڪري رهيا آهن ڪو سمنڊ جي لوڻ کي سڪائي ان مان ڪمائي ڪري رهيو آهي ته ڪو مختلف قسمن جا ٿالهو ناهي رهيو آهي. ڪيترائي ماڻهو رڍن ۽ ٻڪرين جي پالنا ذريعي پنهنجي روزي ڪمائي رهيا آهن ۽ ملڪ جي معيشت ۾ به حصو وجهي رهيا آهن

ٽي وي ڊراما هجن، ٽاڪ شوز، موسيقيءَ جا پروگرام يا وڏا وڏا ميلا انهن سڀني جا نيڪا ڪندڙن جو مقصد رڳو پئسا ڪمائڻ هوندو آهي هو عام ماڻهن کي بيوقوف بڻائي پنهنجو مطلب ڪيندا آهن رياست جون جيڪي ذميواريون آهن اهي به پوريون نٿيون ڪيون وڃن جڏهن حڪمرانن ۽ بااثر ماڻهن کي ملڪ ۾ ڪو فائدو نظر نٿو اچي ته هو ملڪ ڇڏي ٻاهر وڃي ويهي رهن ٿا. پر جڏهن اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهن ٿا ته ڪين نه ملڪ جي ڳڻتي هوندي آهي ۽ نه ئي پنهنجي مستقبل جي هو لڪي ڇپي ٻاهرين ملڪن جي شهريت حاصل ڪري رهيا هوندا آهن هو پنهنجي ملڪ ۾ جائز توڙي ناجائز طريقن سان پئسا ڪمائيندا آهن ته جيئن انهن پئسن سان امير ملڪن ۾ وڃي آرام سان زندگي گذاري سگهن اهي سڀ ڳالهيون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ باوجود عام پاڪستاني پوءِ ڀلي اهو ڪنهن به صوبي جو هجي يا ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندو هجي. پنهنجي وطن مان مايوس ناهي ٿيو هو هر صبح ساڳئي جذبي ۽ پڪي ارادي سان گهران نڪري ٿو ته مون کي پنهنجي شهر، پنهنجي صوبي ۽ پنهنجي ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻو آهي عام پاڪستاني پاڪستان مان مايوس ناهي البته هو پنهنجن حڪمرانن جي روين ۽ سندن عملن مان ضرور دل برداشته آهي

پوتاڻي خاندان جو سياسي سفر

محمد بخش لوهاڻي

پوتاڻي خاندان پهريون ڀيرو 1977ع جي عام چونڊن ۾ عملي طور سياست ۾ قدم رکيو، جڏهن سردار محمد صالح پوتاڻي پهريون ڀيرو صوبائي اسيمبليءَ جي تڪ PB-40 تان ٻنا مقابلي بلوچستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. تنهن هوندي به اها اسيمبلي گهڻو عرصو برقرار رهي نه سگهي، ڇاڪاڻ ته 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءُ الحق ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏيو. 8 سالن کان پوءِ 1985ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جي حڪومتي دور ۾ غير جماعتي بنيادن تي عام چونڊون ڪرايون ويون. انهن چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي ساڳئي تڪ PB-35 لسٻيلو-2 سڏبو هو، تان 15 هزار 2 سئو 3 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته سندس مخالف اميدوار وڏيرو خدا بخش رڳو 5 هزار 8 سئو 20 ووٽ حاصل ڪري سگهيو.

1988ع جي عام چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي ساڳئي تڪ تان 11 هزار 9 سئو 50 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اميدوار شيخ غلام رسول 9 هزار 2 سئو 80 ووٽ کڻي ناڪام رهيو. 1990ع جي چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي آزاد حيثيت سان چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ 8 هزار 9 سئو 54 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته سندس مخالف اميدوار پاڪستان پيپلز ڊيموڪريٽڪ الائنس جي محمد حسن 5 هزار 8 سئو 85 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. 1993ع جي عام چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ 13 هزار 6 سئو 57 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو جڏهن ته سندس مخالف اميدوار مسلم ليگ (ن) جو احمد علي رڳو 7 هزار 5 سئو 98 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. ساڳئي دور ۾ لسٻيلي جي قومي اسيمبليءَ جي واحد سيٽ تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار اڪبر لاشاريءَ جي ڪاميابيءَ ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي اهم ڪردار ادا ڪيو.



1997ع جي عام چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر آزاد حيثيت سان ساڳئي صوبائي تڪ تان ڪاميابي حاصل ڪئي. هن 9 هزار 8 سئو 76 ووٽ حاصل ڪيا، جڏهن ته بلوچستان نيشنل پارٽيءَ جو اميدوار عبدالمجيد رڳو 2 هزار 9 سئو 33 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. 2002ع جون عام چونڊون صدر جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ ٿيون. انهن چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻيءَ جي ننڍي ڀاءُ مير محمد اسلم پوتاڻي مسلم ليگ (ق) جي ٽڪيٽ تي ساڳئي تڪ تان 15 هزار 6 سئو 67 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي ۽ بعد ۾ بلوچستان اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو ويو. سندس مخالف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اميدوار عبدالڪريم لاشاري رڳو 5 هزار 1 سئو 49 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. 2008ع جي عام چونڊن دوران سردار محمد صالح پوتاڻي بلوچستان جو نگران وڏو وزير هو، سندس جاءِ تي ساڳئي صوبائي تڪ تان مسلم ليگ (ق) جي ٽڪيٽ تي محمد اسلم پوتاڻي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ 25 هزار 8 سئو 5 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي. بعد ۾ هو بلوچستان اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو. سندس مخالف پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اميدوار عبدالڪريم لاشاري 11 هزار 7 سئو 71 ووٽ حاصل ڪري سگهيو 2013ع جي عام چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي ساڳئي تڪ تان آزاد حيثيت ۾ چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ 25 هزار 7 سئو 52 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته سندس مخالف اميدوار جام ڪمال خان 20 هزار 1 سئو 69 ووٽ حاصل ڪيا. 2018ع جي عام چونڊن ۾ سردار محمد صالح پوتاڻي بلوچستان عوامي پارٽي (BAP)جي ٽڪيٽ تي ساڳئي روايتي صوبائي تڪ تان 30 هزار 12 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو اميدوار محمد شريف رڳو 8 هزار 6 سئو 32 ووٽ حاصل ڪري سگهيو.

قومي سياست ۾ پوتاڻي خاندان جو تاريخي قدم: 2018ع جي عام چونڊن ۾ پوتاڻي خاندان پهريون ڀيرو قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي پڻ پنهنجي قسمت آزمائي. مير محمد اسلم پوتاڻي آزاد اميدوار جي حيثيت سان چونڊ وڙهي ۽ بلوچستان جي چونڊ سياست ۾ اهم سياسي شخصيتن کي شڪست ڏئي ڪاميابي حاصل ڪئي. مير محمد اسلم پوتاڻي 69 هزار 16 ووٽ حاصل ڪري ڪامياب ٿيو جڏهن ته سندس مخالف بلوچستان عوامي پارٽيءَ جو اميدوار جام ڪمال خان 63 هزار 7 سئو 89 ووٽ ۽ بلوچستان نيشنل پارٽيءَ جو سردار اختر جان مينگل 41 هزار 9 سئو 81 ووٽ حاصل ڪري سگهيو. قومي اسيمبليءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ مير محمد اسلم پوتاڻي پنهنجي تڪ جي علائقن، خاص طور تي حب، لسٻيلي ۽ گوادر ۾ ترقياتي منصوبن جي حوالي سان سرگرم ڪردار ادا ڪيو. ان سان گڏ هن بلوچستان جي حقن لاءِ پارليامينٽ ۾ پڻ پنهنجو آواز اٿاريو. سندس سياسي ڪردار ۽ پارلياماني موقف بابت مختلف حلقن ۾ مختلف رايا موجود آهن. تنهن هوندي به سندس حامين موجب بلوچستان جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ ۽ پارلياماني سرگرميون سندس سياسي سڃاڻپ جو اهم حصو رهيون آهن.

2024ع جون عام چونڊون ۽ سياسي تبديلي: 2024ع جي عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جي ساڳئي تڪ جي نئين تڪبنديءَ کان پوءِ ان جي سڃاڻپ NA-257 ٿي وئي. انهن چونڊن ۾ مير محمد اسلم پوتاڻيءَ شڪست کاڌي ۽ هو پنهنجي مخالف اميدوار کان لڳ ڀڳ 12 هزار ووٽن جي فرق سان پوئتي رهجي ويو. ٻئي طرف سردار محمد صالح پوتاڻي پنهنجي روايتي صوبائي تڪ تان 30 هزار 9 سئو 20 ووٽ حاصل ڪري ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته سندس مخالف اميدوار رجب رند، جنهن کي جام ڪمال خان جي حمايت حاصل هئي، لڳ ڀڳ 17 هزار ووٽ حاصل ڪري ٻئي نمبر تي رهيو.

ڊجيٽل ديوارن پويان لڪل چئلينج: جڏهن خاموشي ظالم جي طاقت بڻجي ٿي!

شازيه اٽڙ

رات جو هڪ ٿئي ٿو، ڪمري ۾ خاموشي ڇانيل آهي پر اوچتو موبائل فون جي اسڪرين چمڪي ٿي ان مان ٽڪرندڙ هڪ ميسيج ڪنهن جي سڄي دنيا، سڪون، ننڊ ۽ چهري تان مرڪ چوري ڪري وٺي ٿو! اهو ڪنهن خوفناڪ ڪهاڻيءَ جو منظر ناهي پر اسان جي سماج جي ان ورچوئل دنيا جي حقيقت آهي، جنهن کي سائبر هراسمينٽ (Cyber Harassment) ۽ آن لائين بليڪ ميلنگ چيو وڃي ٿو. انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي چمڪندڙ دنيا جي پويان هڪ خاموش ۽ اونداهو چئلينج به لڪل آهي. ڪنهن جي تصوير جو غلط استعمال ڪرڻ، جعلي اڪائونٽس ذريعي بدنام ڪرڻ يا ڪنهن نياڻيءَ جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي ڪيس ڌمڪيون ڏيڻ اهڙا ڏوهه آهن جيڪي انسان جي ذهني سڪون ۽ اعتماد کي سخت نقصان پهچائين ٿا پر سوال اهو آهي ته آخر ڪيستائين خوف جي ڇانوَ ۾ جيئڻو پوندو؟ ڪيستائين خاموشي ڏوهارين جي طاقت بڻيل رهندي؟

اهو موڙ جتي بزدلي ختم ٿئي ٿي ۽ همت جنم وٺي ٿي: اسان جي سماج ۾ هڪ وڏو الميو اهو به آهي ته متاثر فرد ڏوهه جي خلاف آواز اٿارڻ کان اڳ اهو سوچي ٿو ته "ماڻهو ڇا چوندا؟" پر ياد رکو، توهان جي خاموشي بليڪ ميلر کي وڌيڪ حوصلو ڏئي سگهي ٿي جڏهن ڪا ڌيءُ، پٽ يا شهري اهو فيصلو ڪري ٿو ته هاڻي خوف ۾ رهڻ بدران انصاف لاءِ آواز اٿارڻو آهي تڏهن ڏوهاريءَ جي طاقت کي چئلينج ملي ٿو آن لائين هراساني ۽ بليڪ ميلنگ کي معمولي ڳالهه سمجهي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي اهڙن عملن خلاف قانوني مدد وٺڻ ۽ بروقت شڪايت ڪرڻ سان متاثر فرد پنهنجي حقن ۽ تحفظ لاءِ اهم قدم کڻي سگهي ٿو

رازداري، تحفظ ۽ قانوني مدد: ڊجيٽل دنيا ۾ تحفظ لاءِ ضروري آهي ته متاثر فرد جي ذاتي معلومات، سڃاڻپ ۽ عزت جو احترام ڪيو وڃي شڪايت ڪندڙ جي رازداري برقرار رکڻ ۽ سندس معلومات کي ذميواريءَ سان سنڀالڻ انصاف جي عمل جو اهم حصو آهي ڏوهاري جعلي نالن، اڻڄاتل اڪائونٽس ۽ ٻين ڊجيٽل طريقن جي پويان لڪڻ جي ڪوشش ڪري سگهن ٿا پر ڊجيٽل ثبوتن جي مدد سان جاچ ڪندڙ ادارا قانوني طريقيڪار تحت ڏوهه جي جاچ ڪري سگهن ٿا. آن لائين بليڪ ميلنگ، ڌمڪين ۽ هراسانيءَ جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن کي گهرجي ته هو خوف ۾ رهڻ بدران لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان رابطو ڪن ۽ پنهنجي حقن بابت آگاهي حاصل ڪن اميد، همت ۽ خاندان جو ساٿ: سائبر هراسمينٽ خلاف سڀ کان وڏو ذريعو گهر کان شروع ٿئي ٿو. والدين لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجن ٻارن سان اهڙو اعتماد ڀريو ۽ دوستاڻو تعلق قائم ڪن جو ٻار ڪنهن به پريشاني، ڌمڪي يا بليڪ ميلنگ جي صورت ۾ خوفزده ٿيڻ بدران پنهنجي والدين سان کلي ڳالهائي سگهن ٻارن کي رڳو موبائل فون جي استعمال کان روڪڻ ڪافي ناهي پر ڪين ڊجيٽل دنيا جي خطرن، ذاتي معلومات جي حفاظت ۽ اڻڄاتل ماڻهن سان آن لائين رابطن بابت به آگاهي ڏيڻ گهرجي ياد رکو ته ڏوهاري بليڪ ميلر آهي، متاثر فرد ناهي! ڪنهن جي تصوير يا ذاتي معلومات جو غلط استعمال ٿيڻ سان متاثر شخص جي عزت گهٽجي نٿي وڃي اهڙي صورتحال ۾ الزام ڏيڻ بدران ساٿ ڏيڻ، ٻڌڻ ۽ مناسب مدد فراهم ڪرڻ ضروري آهي توهان جو هڪ اهم قدم: جيڪڏهن توهان يا توهان جي آس پاس ڪو به فرد آن لائين هراساني يا بليڪ ميلنگ کي منهن ڏئي رهيو آهي ته هيٺيان قدم ضرور کڻو: 1 بليڪ ميلر جي ناجائز مطالبن آڏو نه جهڪو ۽ نه ئي خوف سبب اڪيلو مسئلو برداشت ڪريو 2. ميسيجز، اڪائونٽس جا نالا، لنڪس ۽ اسڪرين شاٽس ثبوت طور محفوظ رکو. 3 ذاتي تصويرون يا معلومات وڌيڪ شيئر نه ڪريو ۽ ثبوت محفوظ ڪرڻ کان اڳ اڪائونٽ يا ميسيجز ڊليٽ ڪرڻ کان پاسو ڪريو 4 لاڳاپيل قانون لاڳو ڪندڙ ادارن يا سائبر ڪرائم جي شڪايت واري لاڳاپيل فورم سان رابطو ڪريو 5 متاثر فرد کي الزام ڏيڻ بدران سندس حمايت ڪريو ۽ سندس رازداريءَ جو احترام ڪريو حاصل ڪلام: ياد رکو ته ڏوهه اڪثر خوف ۽ خاموشيءَ جو فائدو وٺي وڌندو آهي پر جڏهن همت سان آواز اٿاريو وڃي ٿو ته انصاف جو رستو کلي سگهي ٿو اسان کي اهڙو سماج جوڙڻو آهي جتي ڪنهن نياڻيءَ يا نوجوان کي آن لائين بليڪ ميلنگ سبب پنهنجو مستقبل، سڪون ۽ اعتماد قربان نه ڪرڻو پوي، جتي والدين ٻارن جا محافظ ۽ دوست هجن، سماج متاثرن جو ساٿ ڏئي ۽ قانون ڏوهارين خلاف پنهنجو ڪردار ادا ڪري. خاموشيءَ بدران آگاهي، خوف بدران همت ۽ الزام بدران سهڪار کي پنهنجو اصول بڻايو، ڇو ته هڪ آواز نه صرف هڪ زندگيءَ کي نئين اميد ڏئي سگهي ٿو پر ٻين لاءِ به تحفظ ۽ انصاف جو رستو هموار ڪري سگهي ٿو.

اڄوڪو ڏينهن ...... 06 نومبر

آفتاب غلام نبي قاضي

آفتاب غلام نبي قاضيءَ جو شمار پاڪستان جي اهم معاشي ماهرن ۽ انتظامي سربراهن ۾ ٿئي ٿو. کيس عام طور تي اي جي اين قاضيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن املهه ماڻڪ جو جنم 6 نومبر 1919ع تي خانبهادر غلام نبي قاضيءَ جي گهر ٺوشهري فيروز ۾ ٿيو. هن 1941ع ۾ بمبئي (هاڻي ممبئي) يونيورسٽيءَ مان شماريات ۾ بي ايس سي ۽ فزڪس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. ان کان علاوه رياضيءَ ۾ به ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ رياضيءَ ۽ شماريات جي استاد طور ڪئي. اڳتي هلي انڊين سول سروس جي مقابلي وارو امتحان پاس ڪري سرڪاري ڪامورو بڻيو. هن شروع ۾ بهار ۽ اوڙيسا جي ڊپٽي ڪمشنر طور ڪم ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به هن ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي ڪم ڪيو. هن ٺٽي ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ هالا ۾ ڪليڪٽر طور ڪم ڪيو. ون يونٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ کيس اولهه پاڪستان جو مالياتي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1962ع کان 1965ع تائين واشنگٽن ڊي سي ۾ اقتصادي نمائندي طور خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڪستان واپس ورڻ کان پوءِ هن پهريائين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي ايڊيشنل سيڪريٽريءَ ۽ بعد ۾ واپڊا جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس ئي دور ۾ منگلا ڊيم جو افتتاح ٿيو. اڳتي هلي هن جن ٻين اهم عهدن تي ڪم ڪيو، تن ۾ صنعتن ۽ قدرتي وسيلن جو سيڪريٽري، ناڻي جو سيڪريٽري، فيڊرل بورڊ آف روينيو جو چيئرمين ۽ پاڪستان جي صدر جو معاشي معاملن وارو صلاحڪار شامل آهن 1978ع ۾ کيس اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ انهيءَ عهدي تي سڄا سارا 8 سال ڪم ڪيو. 1986ع ۾ کيس پلاننگ ڪميشن جو چيئرمين ۽ 1993ع ۾ پرائيويٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. ساڳئي وقت هن کي پاڪستان انويسٽمينٽ بورڊ جو چيئرمين بڻايو ويو. اهو عهدو وفاقي وزير جي عهدي جي برابر هو. زندگيءَ جا 50 سال نوڪري ڪري 1994ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ 9 آگسٽ 2016ع تي هن فاني دنيا مان ڪوچ ڪيائين

بشير احمد هيسباڻي

اڄ سنڌ جي نامور اديب ۽ محقق بشير احمد هيسباڻيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن سلجهيل وند ساهتڪار 6 نومبر 1953ع تي ڳوٺ مولوي نورالله هيسباڻي تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو پهرين ڪلاس کان مئٽرڪ تائين تعليم ٺارو شاهه مان حاصل ڪيائين 1976ع ۾ سچل سرمست ڊگري ڪليج نواب شاهه مان بي اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ 1979ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين

هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات حبيب بينڪ نواب شاهه ۾ ڪيشئر طور ڪئي وقت سان گڏ ترقيءَ جا ڏاڪا چڙهندي حبيب بينڪ جي اسسٽنٽ ريجنل مئنيجر (اگريڪلچرل فنانس) جي عهدي تان رٽائر ٿيو هن کي علم ادب ۽ ڪتابن سان هميشه چاهه رهيو. 1970ع ۾ نواب شاهه جي مهراڻ ڪالونيءَ ۾ 'ساهتي لائبريري' قائم ڪيائين ۽ 1998ع ۾ مشهور محقق حامد علي خانانيءَ جي سرپرستيءَ ۾ 'ساهتي ادبي اڪيڊمي' کولي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايائين پاڻ تخيل رسالي جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي هيسباڻي صاحب جي ڇپيل ڪتابن ۾ 'ساهتي پرڳڻي جو وهائو ٿارو (ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي- سوانح حيات، علمي ۽ ادبي خدمتون)'، 'بکر سنڌ جو قديم شهر' ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن

ايس جي پاڳيا

هن مشهور اديب ۽ سماج سڌارڪ جو جنم 6 نومبر 1955ع تي ديوان گوڪل مل جي گهر پنو عاقل شهر ۾ ٿيو. هن پنهنجي ئي شهر مان مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي، ان بعد پنهنجي والد جو ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو.

هن 1970ع واري ڏهاڪي ۾ جوڳ ماتا ڊراماسٽڪ سوسائٽيءَ جو بنياد رکي ڪيترائي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا. اهي ڊراما پنو عاقل جي شهرين لاءِ وڏي تفريح جو باعث بڻيا ۽ ڪافي مشهور ٿيا. جيتوڻيڪ هن گهڻي تعليم حاصل نه ڪئي پر هميشه تعليم دوست شخصيت رهيو. هو مرحوم انورالدين شيخ جي قائم ڪيل مهراڻ ايڊيوڪيشنل سوسائٽيءَ جو سرگرم ميمبر ۽ خزانچي رهيو. 2005ع کان 2011ع تائين انهيءَ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري پڻ رهيو. هو ادب سان به خاص دلچسپي رکندو هو. سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن هو 1993ع ۾ انهيءَ تنظيم جو سکر ضلعي لاءِ رابطہ سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هو 2014ع ۾ پنو عاقل ڇڏي مستقل طور تي هندستان لڏي ويو

عبدالقيوم ڪرتيو

عبدالقيوم هڪ سٺو شاعر ۽ ڊراما آرٽسٽ آهي هو 6 نومبر 1978ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر نئين ديري ۾ ڄائو ۽ ايم اي اڪنامڪس تائين تعليم حاصل ڪئي اٿس هن کي شاعريءَ ۽ اداڪاريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي رهيو آهي هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپجندي رهي آهي پاڻ نئين ديري جي نيو ڪلچرل سوسائٽيءَ جو هڪ ڊگهي عرصي کان ميمبر رهيو آهي ۽ نئين ديري ۾ اسٽيج ٿيندڙ ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريندو رهيو آهي

مختيار اٽڙ

نبي بخش محمد صديق عقيلي

نبي بخش محمد صديق عقيلي اقتصاديات جو وڏو ماهر هو. کيس عام طور تي اين ايم عقيليءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم 11 آگسٽ 1913ع تي ٺٽي ۾ ٿيو. هن پاڪستان جي



مالياتي ادارن ۾ وڏن وڏن عهدن تي ڪم ڪيو. انهن عهدن ۾ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي فارين ايڪسچينج شعبي جو ڊائريڪٽر ۽ پاڪستان انڊسٽريل ڪريڊٽ ۽ انويسٽمينٽ ڪارپوريشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر شامل آهن. پاڻ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽس، ڪائونسل آف پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف بينڪرس، سنڌ مدرسہ بورڊ ۽ سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ايسوسيئيشن سان به لاڳاپيل رهيو. هن 25 آگسٽ 1966ع کان 25 مارچ 1969ع تائين پاڪستان جي ناڻي وزير طور ذميداريون سنڀاليون. جنرل ضياءُ الحق واري دور ۾ هو پرائيويٽائيزيشن ڪميشن جو چيئرمين پڻ رهيو. معاشيات ۽ اقتصاديات جي ميدان ۾ سندس ڪيل خدمتن جي مڃتا طور کيس 'ستاره قائداعظم' ۽ 'ستاره پاڪستان' جهڙن اهم اعزازن سان نوازيو ويو. 1964ع ۾ جرمنيءَ پاران کيس ڪراس آف دي آرڊر آف ميرٽ جي تمغي سان نوازيو ويو. هن 6 نومبر 1996ع تي وفات ڪئي. جيسي رسل ۽ رونالڊ ڪوهن هن جي زندگي ۽ ڪارنامن تي مشتمل ڪتاب (M.N uqaili) ترتيب ڏئي 2012ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. مشهور سياستدان شرميلا فاروقي هن جي ڏهٽي آهي

محمود هارون

اڄ مشهور سياستدان ۽ ڪاروباري شخصيت محمود هارون جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 1920ع ڌاري سيٺ حاجي عبدالله هارون جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ڊي جي سائنس ڪاليج ۽ سي ايس شاهاڻي لا ڪاليج مان علم جي اڃ اجهائي. سترهن سالن جي ڪچڙي جوانيءَ ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي صلاحڪار طور ڪم ڪيائين.

هن 1942ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ 1944ع ۾ مسلم ليگ ڪراچيءَ جو صدر چونڊيو ويو. 1947ع ۾ هو سنڌ بار ايسوسيئيشن جو صدر چونڊيو ويو. 1947ع کان 1950ع تائين سنڌ اسمبليءَ جو ميمبر رهيو. 19 جنوري 1954ع کان 26 مئي 1955ع تائين ڪراچيءَ جي ميئر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1958ع ۾ اولهه پاڪستان اسمبليءَ جو ميمبر ۽ 1965ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1968ع ۾ برطانيه ۾ پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر مقرر ٿيو. 1979ع کان 1984ع تائين گهرو وزير طور ذميداريون سنڀاليائين. هن 1990ع کان 1993ع تائين ۽ ٻيهر 1994ع کان 1995ع تائين سنڌ جي گورنر جو منصب سنڀاليو. محمود هارون هڪ ڪامياب ڪاروباري شخصيت به رهيو. پاڻ هڪ ڊگهي عرصي تائين 'ڊان گروپ آف پبليڪيشنس' جو چيئرمين رهيو. هن دبئيءَ مان مشهور اخبار 'خليج ٽائمس' به جاري ڪئي. تاريخ 6 نومبر 2008ع تي سندس زندگيءَ جو سفر پورو ٿيو

پروفيسر مدد علي قادري

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ عالم پروفيسر مدد علي قادريءَ جي ورسي ملهائجي رهي آهي. هن ناميارا پروفيسر جي ولادت 20 آگسٽ 1933ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڳڙهي قادريءَ ۾ ٿي.

هن 1952ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو. اڳتي هلي بي اي ۽ ايم اي (عربي) جون سنڌون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيڊٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾ هڪ استاد طور ڪئي. ڪجهه عرصو گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ليڪچرار طور به ڪم ڪيائين. 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عربي شعبي سان لاڳاپجي ويو. انهيءَ شعبي ۾ نوڪريءَ دوران هن لنڊن يونيورسٽيءَ مان عربي ٻوليءَ ۾ پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪئي. اڳتي هلي پاڻ ساڳئي شعبي جي پروفيسر ۽ چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هن جي تصنيف ڪيل ڪتابن ۾ 'حيات محمد بن عبدالوهاب' ۽ 'عربي اور سنڌي زبان ڪي لغتي روابط' شامل آهن. هن 6 نومبر 2013ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 37 سال 2026

مسمات عطيه ڌيءُ مختار احمد ذات Kharal حال رهاڪو شاھ حبيب ڪالوني نزد ريلوي ڦاٽڪ پٽ شاھ تعلقو هالا ضلعو مٽياري ..پلينٽف ...بخلاف.. علي رضا ولد محمد عارف رهاڪو ڳوٺ Jislani Kalan تعلقو ضلعو ننڪاڻه صاحب پنجاب . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2230 سال 2026

معشوق علي ولد محمد عظيم ملاح رهاڪو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ڪوارٽر حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. مسمات زيبا ڌيءُ وزير علي مگسي رهاڪو نزد قمر مسجد ڪچو قلعو شاھ فيصل ڪالوني حيدرآباد.. . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
ايف سي سوٽ نمبر 1563 سال 2026

مسمات گل نساء ڌيءُ قلندر بخش ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) چيئرمين BISE حيدرآباد (2) چيئرمين نادرا اسلام آباد (3) سيڪريٽري/رجسٽرار يو سي نمبر 153 حيدرآباد (4) چيف آفيسر MCH حيدرآباد (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 7th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1928 سال 2025

عارف محمد ولد چانڊ محمد رهاڪو گهر نمبر CBH-1 اسٽريٽ نمبر 07 پلاٽ ڪالوني حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) ممتاز ولد لال بخش رهاڪو ڳوٺ چاڙ سليمان گهوٽڪي (2) ڊي سي حيدرآباد (3) مختيارڪار روينيو تعلقو حيدرآباد (4) سب رجسٽرار حيدرآباد (5) سيڪريٽري روينيو سنڌ ڪراچي (6) ڊپٽي ڊائريڪٽر بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي III حيدرآباد (7) سينئر ڊپٽي ڊائريڪٽر لينڊ مينيجمينٽ ڊپارٽمينٽ پلاننگ اينڊ ڊوليپمينٽ ڪنٽرول حيدرآباد.. . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته14-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 7th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 159 سال 2026

مسمات Changi ڌيءُ رمضان زال محمد آچر ذات حاجانو رهاڪو ڳوٺ بخشو حاجانو تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار سينٽر (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته10-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 224 سال 2023

سيد ظهور شاھ ولد سيد حاڪم علي شاھ ..پلينٽف ...بخلاف.. (6) سيد مظفر حسن شاھ ولد سيد حاڪم علي شاھ رهاڪو شهباز روڊ پنگوار ڪالوني نوابشاھ ضلعو شهيد بينظير آباد . ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن . پارٽيشن پزيشن اينڊ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 11-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين سوٽ نمبر 157 سال 2026

عرفان علي ولد مرحوم غلام مصطفيٰ زرداري رهاڪو ڳوٺ ٽنڊو غلام علي ديهه 06 ٺڪ تعلقو نوابشاھ ..اپيليڪينٽ ...بخلاف.. مسمات سميرا ڌيءُ غلام مصطفيٰ زرداري رهاڪو ڳوٺ ٽنڊو غلام علي ديهه 06 ٺڪ تعلقو نوابشاھ ضلعو شهيد بينظير آباد . اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست زير ڪلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي (1) فرمان علي (2) سبحان (3) بصرا بتول (4) حيدر عباس جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 18-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي گل حسن ولد مولا بخش رهاڪو ڳوٺ هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مولابخش ولد حاجي پڙهيار تاريخ 19-04-1994 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 102،329 ايراضي حصي موجب ديهه سڪيور تپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني (1) محبوب (پٽ) (2) گل حسن (پٽ) (3) گل محمد (پٽ) (4) ڦاپي (ڌي) (5) شمع (ڌي) (6) امامزادي (بيواھ) فوتي حسين بخش ولدحاجي پرهيار تاريخ 11-11-2002 تي فوت ٿي ويو جنهنجا وارث (1) نور خاتون (بيواھ) (2) محبوب (پائيٽو) (3) گل حسن (پائيٽو) (4) گل محمد (پائيٽو) (5) ڦاپي (پائيٽي) (6) شمع (پائيٽي) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي علي نواز خان ولد محمد صديق نظاماڻي رهاڪو بکراڻي محلہ ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد صديق نظاماڻي ولد محمد بخش تاريخ 13-02-2004تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 03ايراضي حصي موجب ديهه پينڊو جاگير ۽ سروي نمبر 184 ديهه ڦماچاڻي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني (1) علي نواز خان (پٽ) (2) گل محمد (پٽ) (3) مسمات فهميده گل (ڌي) (4) مسمات پروين (ڌي) (5) مسمات شهناز (ڌي) (6) مسمات شهزادي (ڌي) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي علي رضا ولد محمد انور رهاڪو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي محمد انور ولد علي گوهر تاريخ 28-10-2011تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 397/1،2،396 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه رڪنپور تپو اي ٽنڊو حيدرآباد تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني (1) علي رضا (پٽ) (2) ثمر فاطمه (ڌي) (3) نيهال فاطمه (ڌي) (4) مسمات شمير (بيواھ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار نالي غلام شبير ولد غلام نبي رهاڪو ڳوٺ بچل خان رند تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي غلام نبي رند ولد محمد حسن تاريخ 03-03-2023 تي ۽ محمد شريف ولد محمد حسن تاريخ 16-06-2016 تي فوت ٿي ويا آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 690-689 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه ناريجاڻي تپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني فوتي غلام نبي جا وارث (1) غلام شبير (پٽ) (2) ارشاد علي (پٽ) (3) مختيارعلي (پٽ) (4) غلام محمد (پٽ) (5) سميرا (ڌي) (6) زينب (ڌي) (7) زاهده رند (ڌي) (8) اميرزادي (بيواھ) فوتي محمد شريف جا وارث (1) غلام نبي (ڀاءُ) (2) غلام عباس (ڀاءُ) (3) صاحبزادي (ڀيڻ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جکراڦاٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

بخدمت جناب چيف جسٽس صاحب سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي،بخدمت جناب سيشن جج صاحب ٽنڊو محمد خان،بخدمت جناب ڊي آئي جي حيدر آباد،بخدمت جناب ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان جناب اعلا آئون عرضدار محمد اقبال ولد مير محمد دائيداڻو رهاڪو ٻهراڻي محلا ٽنڊو محمد خان سائين کي عرض ته آئون ريٽائر پرائمري استاد آهيان اسانجي مڱڻ منور علي ولد حاجي احمد دائيداڻو کي سندس پٽ نالي مدثر علي جي شادي لاءِ هٿ امانت آڪرين پنجاهه هزار روپيا روڪ پئسا ورتا ۽ شاهدن جي روبرو ساک ڏنائين چيائين ته پٽ جي شادي ڪرڻ بعد پنجاهه هزار روپيا واپس ڪنداسين هاڻ جڏهن آئون پنهنجا پئسا واپسي ڪرڻ لاءِ گهران ٿو ته هو بااثر ماڻهن جي زور تي مونکي جان کان مارڻ ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو ۽ سندس ٻار ٻچا ولي ڪوڙا مظاهرا ڪرائي ٿو چوي ٿو ته تون مونکان پئسا گهرندين ته توتي غلط الزام لڳائي ڪيس داخل ڪنداسين . جڏهن ته مون ڪيترين ئي شهر جي چڱن کي دانهون ڏنيون پر مون غريب مسڪين جي ڪنهن به نه ٻڌي آئون اعلا اختيارين کي اپيل ڪريان ٿو ته مونسان انصاف ڪري مونکي پنهنجي ڏنل پنجاهه هزار روپين جي رقم واپس ڪرائي وڃي ته جيئن سائين جن جو شڪر گذار رهندس اهڙو بيان منهنجو رڪارڊ تي رکيو وڃي

محمد خان اقبال دائيداڻوريٽائر پرائمري استاد
ٻهراڻي محلا ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته ممتاز علي ولد شمس الدين سومرو معرفت زال مسمات افروز بيگم زال ممتاز علي سومرو سڪني پلاٽ ايراضي 18375 اسڪوائر فوٽ ديهه گهارو تپو گهارو تعلقو ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو ري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر II
فار ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون حاجي محمد سليم ولد حاجي محمد اسماعيل شناختي ڪارڊ نمبر 4130385398077 حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد ۾ واقع پلاٽ نمبر 239 ايراضي 400 مربع گز جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي محمد برهان فريد ولد محمد اقبال شناختي ڪارڊ نمبر 4130681969075 سان ڪيو آهي ان بابت اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي مذڪوره پلاٽ جي خريد و فروخت ته ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوت سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي تحريري طور تي آگاهه ڪري مقرر معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ سوسائٽي انتظاميه ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪندي

حاجي محمد سليم ولد حاجي محمد اسماعيل

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

نوجوان فيصل ميمڻ فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ٻيو زخمي ٿي پيو حادثي ۾ زخمي ٿيل شخص کي تعلقي اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فوتي نوجوان جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي بعد اسپتال مان وارثن حوالي ڪيو ويو. نوجوان فيصل ميمڻ جو لاش گهر پهچڻ تي ماءُ پيءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، جڏهن ته گهر ۾ روڄ راڙو ۽ ڪهرام مچي ويو. نوجوان جي اوچتي وڇوڙي تي وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

نمائندن کي اپيلون ڪيون سين ته اسان کي اسڪول ڏئي ڪري اسان جي معصوم ٻارڙن جي مستقبل کي سنواريو وڃي ۽ اسان جي نسلن کي اڻ پڙهيل واري ليبل کان آجو ڪري ڏنو وڃي.پر اسان جي ڪنهن به نه ٻڌي ۽ اسان کي اهو چئي رواڻو ڪيو ويو ته توهان گورنمينٽ بوائز اسڪول راشيديرو ۾ ٻارڙا پڙهايو جڏهن اُن اسڪول ۾ ٻارڙا موڪلڻ شروع ڪيا ته اسڪول جي انتظاميه اهو چئي رواڻو ڪري ڇڏيو آهي ته اسڪول جي بلڊنگ اٿيوري آهي ۽ ڪم هلي پيو توهان کي فيالحال موڪل آهي اهڙو چوڻ هيو انهن ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن جو ان حوالي سان ڳوٺائي شرف ملاح کان معلوم ڪيو ته ان سڀ ڪجهه مٿي ڏنل موقف سان آگاهه ڪيو ۽ ان مطالبو ڪيو ته اسان کي ڳوٺ ۾ اسڪول ڏنو وڃي ڇاڪاڻ جو اسان جو ڳوٺ تمام وڏو آهي ۽ سوين تعداد ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن هنن کي تعليم ڏيارڻ جو اوڻهو آهي پر سرڪار کي ڪهل ئي ڪانه ٿي پوي. اسڪول ڏئي ڪري معصومن جو مستقبل بچايو 3

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

نئين آئين تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي، جڏهن ته پراڻي آئين تحت اڳوڻي قانوني طريقيڪار تي عمل جاري رکيو وڃي. عدالتي رڪارڊ موجب مسز هما نور ۽ سيد حسن اقبال ڪاظمي پاران داخل ڪرايل سول مقدمي ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته SPLA جو نئون آئين اڳوڻي آئين مورخه 30 نومبر 2004 ع جي آرٽيڪل V ۾ ڄاڻايل لازمي قانوني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ کانسواءِ متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن سبب ان جي قانوني حيثيت کي چيلينج ڪيو ويو. مدعين پاران عدالت ۾ نئين آئين کي رد ڪرڻ ۽ مستقل پابنديءَ لاءِ دعويٰ داخل ڪرڻ سان گڏ آرڊر 39 رولز 1 ۽ 2 سي پي سي تحت عبوري حڪم جي درخواست پڻ ڏني وئي هئي. عدالت درخواست تي غور ڪرڻ کانپوءِ عبوري طور مدعين جي حق ۾ پرائما فيسي ڪيس (Prima Facie Case) ٿيڻ جو قرار ڏيندي درخواست منظور ڪري ورتي. حڪم ۾ مدعا عليه ڌرين، سندن ايجنٽن، ملازمن، نمائندن ۽ سندن طرفان ڪم ڪندڙ ٻين ماڻهن کي نئين آئين تي عملدرآمد يا ان کي لاڳو ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. عدالت وڌيڪ هدايت ڪئي آهي ته تڪراري نئين آئين کان اڳ نافذ 30 نومبر 2004 ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ مدعين جي ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي سڌي يا اڻ سڌي رنڊڪ نه وڌي وڃي. عدالت واضح ڪيو آهي ته جاري ڪيل حڪم عبوري نوعيت جو آهي ۽ مدعا عليه ڌريون ايندڙ ٻڌڻيءَ تي پنهنجا اعتراض ۽ جواب داخل ڪرائي سگهن ٿيون، جنهن کانپوءِ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ ۽ اعتراضن جو جائزو وٺڻ بعد درخواست جو حتمي فيصلو ڪيو ويندو.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

تي ليٽائي پاڻ اسپتال مان گهر ٿي ويو ايمرجنسي ۾ موجود ڊاڪٽرن معصوم تسليم جي مرڻ جي تصديق ڪئي جنهن بعد اسپتال ۾ روڄ راڙو شروع ٿي ويو اسپتال ۾ موجود وارثن ڊاڪٽر مشرف تي غفلت جو الزام هڻندي ايمرجنسي جي احاطي ۾ احتجاج ڪندي الزام هنيو ته معمولي بخار ۾ انجيڪشن لڳڻ سان ڇوڪري فوت ٿي وئي اهڙي خبر هجي هان اسان پنهنجي ٿيائي کي هن ظالم ڊاڪٽر وٽ وٺي نه اچون هان . هنن چيو ته اسپتال ويجهي هئڻ جي ڪري اسان آياسين ڊاڪٽر جي انجيڪشن کان پوءِ ئي ڇوڪري جي طبيعت خراب ٿي غير ذميوار ڊاڪٽر ڪن ، نڪ ۽ ڳلي جو ڊاڪٽر آهي هن کي ٻارن جي بيماري بابت معلومات نه هئي ان هوندي به هن ٻارن جي علاج لاءِ ڪلينڪ کولي آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر مشرف کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي. ٻئي پاسي ايس، ٽي، پي اڳواڻ يونس اوٺو پڻ ڊاڪٽر مشرف سومرو جي غفلت تي سخت احتجاج ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته اهڙا ڊاڪٽر معاشري جي معصوم ٻارن سان کيڏي رهيا آهن . هن چيو ته ٿيائي تسليم جو ڏاڍو ڏک پهتو معاملي جي جاچ لاءِ مان پاڻ هتي پهتس . سينيئر ڊاڪٽر جيڪو هن ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ڪن، نڪ ۽ ڳلي جو ڊاڪٽر آهي اهو ٻارن جي بيمارين جو ماهر ڪيئن ٿو ٿي سگهي هن خلاف سخت ايڪشن ڪنيو وڃي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

صحافي باريجا پائرن تي ٿيندڙ ظلم، پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ڏاڍ ۽ ڄامشورو پوليس گردي خلاف حيدرآباد سميت ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪارونجهر کان ڪوهستان تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج، هزارين قلم ڌڻي روڊن تي نڪري آيا، احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا، ڄامشورو پوليس جي جوڙيل جي آئي ٽي رد، سنڌ سرڪار کان فوري نوٽيس وٺي عدالتي ڪميشن قائم ڪرڻ ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ٽي ڏينهن اعلانيل احتجاجي جي سلسلي ۾ ڪوٽڙي جي صحافي باريجا پائرن تي ٿيندڙ ظلم، پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ڏاڍ ۽ ڄامشورو پوليس گردي جي خلاف پهرين ڏينهن تي ايڇ يو جي جي مرڪزي اڳواڻن لالا رحمان سمون، خالد کوکر اقبال ملاح، وسيم خان، ڄام فريد لاڪو ۽ جاتي خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ اولڊ ڪئمپس کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي ايڇ يو جي جي مرڪزي اڳواڻن لالا رحمان سمون ۽ خالد کوکر مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته صحافي باريجا پائرن سان ڄامشورو پوليس ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي، پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي دٻاءَ ۾ اچي ايس ايس پي ڄامشورو ڪمداري وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، ايس ايس پي ڄامشورو انهن پوليس عملدارن تي جي آئي ٽي جوڙي آهي، جيڪي پاڻ قانون کان مٿاهين ڪاروايون ۽ ظلم بريت ڪرڻ ۾ ملوث آهن. اسان اهڙي جڙتو جي آءِ ٽي کي مڪمل طور تي رد ڪيون ٿا. هنن چيو ته پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر ڪوهستان جي راڄن جو وڏو آهي، جنهن کي وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي معاملي کي حل ڪرڻ گهرجي ها پر افسوس ملڪ اسد سڪندر صحافي باريجا پائرن خلاف ذاتي انتقامي ڪاروايون ڪندي ٽنگن ۽ ڌنگن جو تقدس به نه رکيو. ان ڪري اسان سمجهون ٿا ته ان سڄي واقعي جا ذميوار ملڪ اسد سڪندر ۽ ايس ايس پي ڄامشورو ڌر بڻيل آهن. هنن سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي فوري طور تي ايس ايس پي ڄامشورو کي هٽائي نئون ايماندار ايس ايس پي مقرر ڪري، ڪوٽڙي ۾ بيگناهه مارجي ويل نوجوان دلشير برفت جي قتل واقعي، صحافي باريجا پائرن تي لڳايل الزامن ۽ پوليس گردي جي جاچ ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪيو وڃي. پي ايف يو جي جي اڳواڻ اقبال ملاح، سينيئر صحافي يعقوب سومري، ايڇ يو جي جي صدر وسيم خان، جنرل سيڪريٽري ڄام فريد لاڪو ۽ خزانچي جاتي خاصخيلي چيو ته ڄامشورو ضلعو کي پوليس اسٽيٽ بڻائيندڙ ايس ايس پي ڄامشورو سڄي واقعي جو پاڻ ذميوار آهي، اهڙي نااهل ۽ سردارن جي بنگلن تي حاضريون ڀري ڪمداري وارو ڪردار ادا ڪندڙ ايس ايس پي ڄامشورو کي بنا دير عهدي تان هٽايو وڃي. هنن چيو ته اسان کي بيگناهه مارجي ويل نوجوان دلشير برفت جي واقعي تي انتهائي افسوس آهي ۽ اسان وارثن سان تعزيت ڪئي، اسان پهرين ڏينهن کان اهو مطالبو ڪري رهيا آهيون ته قتل واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائي مقتول جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هنن چيو ته صحافي باريجا پائرن جي گهرن تي ڪاهه ۽ ٿيائين جي تذليل ناقابل برداشت عمل آهن، جنهن جي سخت لفظن ۾ مزمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج بڻيل آهن. هي احتجاج ٽن ڏينهن تائين جاري رهندو. احتجاج ۾ حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊو ڄام، مسو ڀرڳڙي، هوسڙي، ڪٽڙ ۽ سيري جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

ڪيو ويو آهي. فريادي ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته مٿي ذڪر ڪيل جوابدارن منهنجي پٽ سجاد سولنگي کي پيرجندام لڳ بخشا شاخ تي ملڻ لاءِ فون ڪئي. جتان مٿي ذڪر ڪيل جوابدارن منهنجي پٽ کي زبردستي ڪار ۾ کڻي اغوا ڪري ويا آهن. ياد رهي ته 10 ڏينهن اڳ ڏڪڻ لڳ ڳوٺ بدو واسي نوجوان سجاد سولنگي پراسرار نموني گم ٿي ويو هو. جنهن جو اغوا ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

تي مظاهرين صحافين کي ٻڌايو ته بي سيڪشن ۽ ڪراچي پوليس گهر ۾ گهڙي عورتن تي تشدد ڪيو ۽ اسان جي نوجوان محمد وارث کي مارڪيٽ مان کڻي وئي آهي.هنن جو چوڻ آهي ته بااثر جي ڇوڪري گهران نڪري وئي آهي ان تان بااثرن پوليس جي مدد سان گهر تي چڙهائي ڪئي آهي.هنن چيو ته اسان جو ان معاملي سان ڪو به واسطو ناهي، پوءِ به اسان کي نشانو بڻايو ويوعورتن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي خيرپور کان معاملي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ۽ گرفتار نوجوان محمد وارث کي فوري آزاد ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جي گهر ڪئي.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ چيو ته ڪوٽڙي ۾ هڪ بيگناهه نوجوان دلشير برفت جي قتل جي آڙ ۾ صحافين ۽ انهن جي خاندانن کي ڪنهن به حالت ۾ انتقامي ڪارروايون جو نشانو نه بڻايو ويندو. جيڪڏهن ڄامشورو پوليس حڪومت جي سرپرستي هيٺ هڪ بااثر سردار جي دٻاءَ هيٺ صحافين کي تنگ ڪرڻ، انهن جي گهرن تي ڇاپا هڻڻ ۽ عورتن ۽ ٻارن کي بي عزت ڪرڻ بند نه ڪيو ته صحافي برادري سخت مزاحمت ڪندي ۽ دمادم مست قلندر ڪيو ويندو هن چيو ته صحافين کي حقيقتون ظاهر ڪرڻ ۽ پنهنجو پيشيوراڻو ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ دٻاءُ ۽ طاقت جو استعمال پريس جي آزادي تي حملو آهي، جنهن خلاف صحافي برادري بنا ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. ڳالهائيندي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي چيو ته پهرين ڏينهن کان اسان بيگناهه نوجوان دلشير برفت جي قتل جي سخت مذمت ڪري رهيا آهيون ۽ مطالبو ڪريون ٿا ته هن بدقسمت واقعي ۽ ان سان لاڳاپيل سڀني واقعن جي شفاف جاچ لاءِ هاءِ ڪورٽ جي جج جي سربراهي ۾ عدالتي ڪميشن قائم ڪئي وڃي، ته جيئن اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن، قتل جي ذميوارن جي سڃاڻپ ٿي سگهي ۽ انهن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. هن چيو ته دلشير برفت جي قتل جي آڙ ۾ صحافين باريجو برادران ۽ انهن جي خاندان جي ميمبرن کي نشانو بڻائڻ انتهائي مذمت جوڳو آهي. صحافي اڳواڻن چيو ته ڄامشورو پوليس بااثر شخصيتن جي دٻاءَ هيٺ باريجو برادري جي پيارن ۽ مائٽن جي زندگين کي ڏوهاري بڻائي رهي آهي ۽ رات جي اونداهي ۾ گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن، ٻارن ۽ بزرگن کي خوفزده ڪيو پيو وڃي. صحافي عظيم باريجو جي ڀيٽوي جي گمشدگي، صحافي پرويز دل جي پيئرن کي حراسان ڪرڻ ۽ بي عزت ڪرڻ ۽ سندس ڪزن عرس دل عرف منو تي مبينا تشدد جهڙا واقعا انتهائي پريشان ڪندڙ آهن. متاثر عورتن موجب، ڊي ايس پي ڪوٽڙي شاهنواز جوکيو جي اڳواڻي ۾ هڪ پوليس ٽيم گهر جي ڀتين تي چڙهي وئي ۽ بندوق جي زور تي عورتن ۽ ڇوڪرين کي ننڊ مان جاڳايو ۽ مبينا طور تي انهن کي تشدد ۽ ذلت جو نشانو بڻايو هن آپريشن دوران، سادي ڪپڙن ۾ منهن ڍڪيل ماڻهن جي موجودگي ۽ عورت پوليس آفيسرن جي غير موجودگي جا الزام پڻ سامهون آيا آهن، جن جي غير جانبدار جاچ جي ضرورت آهي. اڳواڻن چيو ته ڄامشورو ۾ پوليس کي قانون جي تابع هجڻ گهرجي ۽ ڪنهن بااثر شخصيت جي دٻاءَ هيٺ ڪارروائي ڪرڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي. ايس ايس پي ڄامشورو جي ڪردار تي به هن سڄي معاملي ۾ تعصب جا الزام آهن، تنهن ڪري سندس معطلي ۽ عدالتي ڪميشن جي قيام جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. انهن مطالبو ڪيو ته سنڌ حڪومت فوري طور تي صحافين ۽ انهن جي خاندانن خلاف انتقامي ڪارروائيون بند ڪري ۽ گم ٿيل ماڻهن کي بازياب ڪرائي، تشدد ۽ هراسائي جي واقعن جي جاچ ڪري ۽ ذميوار پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري ۽ ڪنهن به فرد کي قانون کان مٿاهون نه سمجهيو وڃي. اڳواڻن واضح ڪيو ته احتجاجي تحريڪ جي پهرين مرحلي ۾ سڄي سنڌ ۾ ٽن ڏينهن جا احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا، جنهن کان پوءِ انساني حقن جي تنظيمن، بار ايسوسيئيشن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن سان گڏ بک هڙتالون، ڌرڻا، ڪانفرنسون ۽ گڏيل احتجاجي پروگرام منعقد ڪيا ويندا. جيڪڏهن سنڌ حڪومت فوري طور تي نوٽيس نه ورتو ۽ انصاف جي مطالبن کي پورو نه ڪيو ۽ صحافين خلاف انتقامي ڪارروائين جو سلسلو بند نه ڪيو ته احتجاج جو دائرو سنڌ کان سڄي ملڪ تائين وڌايو ويندو. انهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ، گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار ۽ صوبائي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ کي اپيل ڪئي ته صورتحال جو فوري طور تي نوٽيس وٺن، عدالتي ڪميشن قائم ڪن ۽ متاثرين کي انصاف يقيني بڻائين مظاهري ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ، سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر جاويد جتوئي، جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ، خزانچي شهزاد تابائي، سکر پريس ڪلب جي صدر خالد ٻنهن، جنرل سيڪريٽري سيد احقر رضوي، سنڌ وومين جرنلسٽ ايسوسي ايشن جي سينيئر صدر سهرگڙهه، ميهو نواز سهيل، سهيل ميمڻ صحافين سميت ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي بابر کوکي جهانزيب وسيم، بابر کوکي شاهد چنا، رضوان لوڌي، شعيب ملڪ، علي شاھ، فضل الرحمان پٺو عقيل قريشي ۽ ٻيا صحافي شريڪ ٿيا

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

سالن جي شاندار تهذيب، ثقافت، ٻولي، روايتن ۽ الڳ قومي سڃاڻپ رکندڙ وطن آهي. سنڌ جي تاريخي وجود، جاگرافيائي وحدت ۽ قومي سڃاڻپ کي ڪنهن به صورت ۾ تڪراري بڻائڻ يا سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون ڪرڻ سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهن.سنڌ جو عوام پنهنجي تاريخي مادر وطن جي وحدت ۽ بقا جي تحفظ لاءِ هميشه متحد رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ به سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ترقي پسند هائوس حيدرآباد ۾ 29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي نعري هيٺ رٿيل قومي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ اديبن، دانشورن ۽ ليکڪن سان ٿيل مشاورتي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڪيو. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ جي تاريخ رڳو چند صدين تي مشتمل ناهي، پر هيءَ ڌرتي دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ عظيم تهذيب جي وارث آهي. موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌ پنهنجي الڳ تاريخي، ثقافتي ۽ قومي سڃاڻپ برقرار رکي آهي. سنڌ جي تهذيب، ٻولي، ثقافت، رواداري، ڀائيچاري ۽ انسان دوست روايتن هن ڌرتي کي هڪ منفرد سڃاڻپ ڏني آهي. سنڌ جي تاريخي وحدت ڪنهن سياسي جماعت يا مخصوص طبقي جو مسئلو نه، پر سنڌ ۾ رهندڙ سمورن ماڻهن جي گڏيل مستقبل، تاريخي ورثي ۽ قومي وجود جو سوال آهي. هن چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ تاريخي حيثيت بابت سنڌ جي عوام جو موقف واضح ۽ اٽل آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي نعري هيٺ ٿيندڙ عوامي ميڙ ۾ سنڌ کي پنهنجو مادر وطن سمجهندڙ هر ماڻهو ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو نظر ايندو.هن چيو ته 29 نومبر سنڌ جي تاريخي وحدت ۽ بقا جي حوالي سان هڪ اهم ڏينهن ثابت ٿيندو. جڏهن سنڌ جي مختلف علائقن، ٻولين ۽ سماجي طبقن سان تعلق رکندڙ ماڻهو سنڌ جي گڏيل سڃاڻپ بابت پنهنجي موقف جو اظهار ڪندا. سنڌ جي تاريخي وجود ۽ وحدت بابت علمي، ادبي ۽ فڪري سطح تي سنجيده گفتگو وقت جي اهم ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تاريخ گواهه آهي ته جڏهن به سنڌ جي قومي وجود، وسيلن، حقن يا تاريخي وحدت کي ڪو خطرو پيش آيو آهي ته سنڌ جي اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ باشعور ماڻهن پنهنجي قلم، فڪر ۽ جدوجهد ذريعي سنڌ جي حقن جي ترجماني ڪئي آهي. اڄ به سنڌ کي اهڙي ئي قومي شعور، فڪري پختگي ۽ گڏيل موقف جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سياسي وابستگين ۽ ذاتي اختلافن کان مٿاهون ٿي سنڌ جي تاريخي وجود ۽ وحدت جي سوال تي گڏيل آواز اٿاريو وڃي. گڏجاڻي ۾ ڪراچي ۾ استادن جي احتجاج تي پوليس جي لاٺي چارج ۽ گرفتارين جي مذمت ڪندي گهر ڪئي وئي ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن ۽ گرفتار سمورن استادن کي آزاد ڪيو وڃي. ان موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جا مرڪزي اڳواڻ انجنيئر گلزار سومرو، هوت خان گاڏهي، قادر چنا، امتياز سمون، ڊاڪٽر سومار مگريو، حيدر ملاح، خدابخش درس، محمد علي ابڙو، ايڊووڪيٽ سرواڻ مگسي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

ڏيڍ سئو سالن کان ڌاڙا هڻي پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي. پنجاب زبردستي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي. حڪمران سنڌ جو پاڻي چوري ڪرائڻ ۾ سهولتڪار بڻيل آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي پاڻيءَ تي سنڌ جي عوام جو بنيادي ۽ آئيني حق آهي، ان حق تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي برداشت نه ڪئي ويندي. سنڌو درياهه سنڌ جي زندگي، تاريخ، تهذيب، زراعت ۽ معاشي بقا جو بنيادي سهارو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته چشما جهلم، تونسا پنجند لنڪ ڪئنال، جلالپور ڪئنال ۽ گريٽر ٿل ڪئنال ڌاڙيل واهه آهن، جن ذريعي زبردستي پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌو درياهه هزارين سالن کان سنڌ جي ڌرتيءَ کي آباد، خوشحال ۽ زرخيز رکيو آهي. هن درياهه جي پاڻيءَ سان سنڌ جون زمينون آباد ٿين ٿيون، لکين آبادگارن جا گهر هلن ٿا ۽ لکين ماڻهن جو روزگار جڙيل آهي. جيڪڏهن سنڌو درياهه جي قدرتي وهڪري کي روڪيو ويو ۽ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وڌيڪ رڪاوٽون وڌيون ويون ته ان جا نتيجا رڳو زراعت تائين محدود نه رهندا پر سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي زندگي سخت متاثر ٿيندي ۽ سنڌ بنجر ۽ برباد ٿي ويندي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ اڳ ئي پاڻيءَ جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي. آبادگار پاڻيءَ جي اڻهوند سبب سخت پريشان آهن، ڪيترن ئي علائقن ۾ آباد زرعي زمينون بنجر ٿي رهيون آهن، جڏهن ته سنڌ جي سامونڊي پٽي ۾ سمنڊ جي اڳتي وڌڻ، زمينن جي ڪاراڻ ۽ ڊيلٽا جي تباهيءَ جهڙا مسئلا وڌي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سنڌو درياهه تي وڌيڪ ڊيم ٺاهڻ جا منصوبا سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيندا. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڻيءَ جي ورهاست ڪنهن به طاقت، اثر رسوخ يا انتظامي ڏاڍ جي بنياد تي نه ، پر آئين، قانون ۽ صوبن جي تسليم ٿيل حقن موجب ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪڻ، درياهه جي قدرتي وهڪري کي متاثر ڪرڻ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي مرضيءَ خلاف منصوبا مڙهڻ سان وفاقي ايڪتا ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد کي نقصان پهچندو. پاڻيءَ جهڙي بنيادي مسئلي تي سنڌ جي عوام جي آواز کي نظرانداز ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي. اياز لطيف پليجي وڌيڪ چيو ته سنڌو درياهه جي بقا جو سوال ايندڙ نسلن جي مستقبل جو سوال آهي. اڄ جيڪڏهن درياهه جي پاڻيءَ جو تحفظ نه ڪيو ويو ته سڀاڻي سنڌ جي زراعت، معيشت، ماحوليات ۽ انساني آباديءَ کي ناقابل تلافي نقصان پهچي سگهي ٿو. سنڌ جي ڊيلٽا کي بچائڻ لاءِ سمنڊ تائين گهربل پاڻي پهچائڻ ۽ درياهه جي قدرتي وهڪري کي برقرار رکڻ لازمي آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي درياهه ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ متحد ٿيڻو پوندو. پاڻيءَ جي مسئلي کي ڪنهن هڪ ضلعي، جماعت يا طبقي جو مسئلو سمجهڻ بدران سڄي سنڌ جي گڏيل قومي مسئلي طور ڏسڻ گهرجي. آبادگارن، هارين، شاگردن، اديبن، دانشورن ۽ سول سوسائٽي کي سنڌو درياهه جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڪئي.مقتول جي جيجل امڙ خانزادي مگسي پٽ، ننهن ۽ اڻ ڄاول ڏوهٽي جي وڇوڙي تي لڙڪ لاڙيندي انصاف جي اپيل ڪئي. وارثن الزام هنيو ته جوابدار ڌر کين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ دٻاءُ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي.مقتول جي امڙ ۽ ٻين وارثن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو ته مک جوابدار کي فوري گرفتار ڪري کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

ماتحت آفيسرن سان گڏجي جوهي تعلقي جو پڻ دورو ڪيو ۽ آفيس جي عملي سان پڻ ملاقاتون ڪيون، سرڪاري ملڪيتن توڙي داخل ڪيل ڪيسن جو جائزو ورتو ۽ ان بابت عملي کان پڇا ڳاڇا ڪئي، هن فاضل عدالتن جي ججن سان پڻ ملاقات ڪئي، ان موقعي تي سندس ماتحت آفيسرن ۽ عملي پاران سندس ڀرپور استقبال ڪيو ويو ۽ آفيس اچڻ تي مٿس گلن جي ورکا ڪئي، ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ اٽارني جاويد احمد ديناري چيو ته لا آفيسر سرڪار جي دلچسپي وارن ڪيسن ۾ خاص ڌيان ڏين، شڪايتون اچڻ تي ڪابه ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي ۽ ڪوبه ماتحت آفيسر يا عملو عدالتن کي شڪايت جو موقعو نه ڏي.

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

احتجاج ڪندڙ پرائمري استادن تي پوليس پاران ڪيل وحشياڻي لاٺي چارج، شيلنگ ۽ گرفتارين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت جو پنهنجن جائز حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ استادن سان اهڙو غير جمهوري، غير انساني ۽ ظالمانو رويو انتهائي افسوسناڪ ۽ قابل مذمت آهي. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو چيو ته استاد ڪنهن به سماج جا معمار هوندا آهن، جيڪي پنهنجي زندگيءَ جو قيمتي حصو ايندڙ نسل جي تعليم، تربيت ۽ مستقبل جي تعمير لاءِ وقف ڪندا آهن. پر افسوس ته سنڌ ۾ انهن ئي استادن کي پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ روڊن تي نڪرڻ تي تشدد، شيلنگ ۽ گرفتارين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مظهر راهوجو چيو ته پرائمري استادن جو ڪم ٻارن کي تعليم ڏيڻ، انهن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ ۽ سماج کي باشعور بڻائڻ آهي، پر جڏهن اهي استاد پنهنجن بنيادي حقن، مسئلن ۽ مطالبن لاءِ پرامن احتجاج ڪن ٿا ته انهن جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ بدران مٿن پوليس ذريعي طاقت جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندڙ استادن تي لاٺي چارج ۽ شيلنگ ڪرڻ توڙي کين گرفتار ڪرڻ جمهوريت، اظهار جي آزادي ۽ پرامن احتجاج جي آئيني حقن جي ابتڙ عمل آهي. حڪومت کي سمجهڻ گهرجي ته استادن جي آواز کي تشدد ۽ گرفتارين ذريعي دٻائي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته جائز حقن لاءِ اٿاريل آواز کي طاقت جي زور تي خاموش ڪرڻ بدران ان جو احترام ڪرڻ گهرجي. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينئر ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف خاصخيلي چيو ته سنڌ اڳ ئي تعليمي بحران، اسڪولن جي زبون حالي، استادن جي کوٽ، بنيادي سهولتن جي اڻهوند ۽ تعليم جي معيار ۾ گهٽتائي جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ استادن کي تحفظ، عزت، سهولتون ۽ بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي. استادن سان ناانصافي ۽ انهن کي احتجاج ڪرڻ تي تشدد جو نشانو بڻائڻ سان سنڌ جي تعليمي نظام کي وڌيڪ نقصان پهچندو

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

سخت سيڪيورٽي ڪئي وئي،عدالت ملزمن کي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو آهي،هوڏانهن ڪوٽڙي ۾ واقعي واري هنڌ پوليس اٿالا ۽ بڪتر بند گاڏيون موجود آهن ۽ پڻ علائقي ۾ خوف ڦهليل آهي،هوڏانهن برفت برادري جي نوجوان دلشير برفت جي قتل بعد ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر خلاف هلندڙ ميڊيا مهم سبب برفت برادري ۾ ڏاڍ ڦهليل آهي، عدالت جي احاطي ۾عظيم باريجي لاءِ صحافي توڙي دوست وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

تذليل جي سخت مذمت، اعليٰ اختيارين کان قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڄامشوري ۾ باريجو برادري سان تعلق رکندڙ صحافي پائرن نديم باريجو ۽ عظيم باريجو خلاف مبينا پوليس تشدد، ناجائز گرفتارين ۽ عورتن جي تذليل واري واقعي خلاف ڏگهڙي پريس ڪلب جي صحافين پاران خميس ڏينهن سخت احتجاج ڪيو ويو.ان سلسلي ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب جي صدر آغا روز امان مرغزائي جي اڳواڻي ۾ صحافين احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته بااثر شخص جي چوڻ تي صحافين خلاف مبينا پوليس ڪارروايون،ناجائز گرفتاريون ۽ عورتن جي تذليل انتهائي مذمت جوڳو عمل آهي. احتجاج ڪندڙ صحافين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڄامشوري ۾ صحافين خلاف مبينا ڪارروايون، ناجائز گرفتارين ۽ عورتن جي تذليل ۾ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته صحافين کي تحفظ فراهم ڪري صحافت جي آزادي کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

پوليس ڪاروائي ڪري استادن تي تشدد ۽ کين گرفتار ڪرڻ خلاف ٺٽي ضلعي جي سيڪنڊري اسڪولن ۾ استادن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو پيو وڃي اڄ صبح کان گسٽا جي سڏ تي ٺٽي ضلعي جي مختلف سيڪنڊري اسڪولن ۾ استادن پاران احتجاج طور ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو ۽ پرائمري استادن سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي مٿن پوليس تشدد ۽ سندن گرفتارين جي مذمت ڪئي وئي بوائز هاءِ اسڪول مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۾ پڻ گسٽا ضلعي اڳواڻ حامد مغل عزيز خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو ويو جڏهن ته مختلف هاءِ اسڪولن ايليمينٽري اسڪولن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪولن ۾ پڻ استادن پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو استادن پاران ڪراچي ۾ گرفتار ٿيل پرائمري استادن کي فوري طور آزاد ڪري مٿن تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ۽ استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

لاش سمجهي دفن ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين پوليس جي مبينا رويي خلاف نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته اعليٰ اختيارين واقعي جو فوري طور تي نوٽيس وٺن، نوجوان جي لاش وارثن جي حوالي ڪن ۽ قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪن ۽ سخت قانوني ڪارروائي ڪن. تفصيل موجب بچل شاهه مياڻي جي رهواسي مظهر علي ملڪ، منظور ملڪ، ماڻي شبيران، ماڻي حليمه ۽ ٻين مرد ۽ عورتون سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو ۽ ميڊيا کي ٻڌايو ته سندن 25 سالن جو پٽ ماجد علي ملڪ 10 ڏينهن اڳ اوچتو گم ٿي ويو هو جنهن کان پوءِ انهن پنهنجي پٽ جي ڳولا شروع ڪئي ۽ مختلف ٿاڻن ۾ گمشدگي جي رپورٽ پڻ درج ڪرائي، پر انهن کي سندن پٽ بابت ڪا به ڄاڻ نه ڏني وئي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته جڏهن اهي پنهنجي گم ٿيل پٽ جي ڳولا ڪندي ايڌي سينٽر پهتا ته اتي جي عملي رڪارڊ چيڪ ڪرڻ کان پوءِ انهن کي ٻڌايو ته ايئرپورٽ پوليس اسٽيشن جي پوليس هڪ نوجوان جو لاش دفنائڻ لاءِ ايڌي سينٽر حوالي ڪيو هو جنهن کي لاوارث قرار ڏئي دفن ڪيو ويو هو. وارثن موجب، هي اطلاع ملڻ تي، اهي ايئرپورٽ ويا. انهن پوليس اسٽيشن سان رابطو ڪري ڄاڻ حاصل ڪئي ته وارثن جي موجودگي ۽ سڃاڻپ کانسواءِ انهن جي پٽ جي لاش کي لاوارث قرار ڏئي دفن ڇو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن جو الزام آهي ته ايئرپورٽ پوليس انهن کي ٻڌايو ته انهن کي رپورٽ ملي آهي ته عارف بلڊر ويجهو هڪ نوجوان جو لاش مليو آهي، جنهن تي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ پوسٽ مارٽم ڪرڻ کان پوءِ ان کي دفنائڻ لاءِ ايڌي سينٽر حوالي ڪيو. وارثن وڌيڪ چيو ته جڏهن انهن پوليس کان پنهنجي پٽ جي پوسٽ مارٽم رپورٽ گهري ته پوليس مبينا طور تي رپورٽ ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن ڪري سخت خدشا پيدا ٿيا آهن. انهن چيو ته جيڪڏهن انهن جو پٽ معمول مطابق فوت ٿيو ته پوسٽ مارٽم رپورٽ ڇو رد ڪئي پئي وڃي؟ مظاهرين کي شڪ هو ته سندن پٽ ماجد علي ملڪ کي قتل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس قاتلن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن چيو ته نوجوان جي لاش کي لاوارث سمجهي دفن ڪرڻ ۽ سندس وارثن کي بروقت اطلاع نه ڏيڻ ڪيترائي سوال پيدا ڪري ٿو جن جا جواب لاڳاپيل اختيارين کي ڏيڻا پوندا. احتجاج ۾ حصو وٺندڙ عورتن، هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي، پنهنجي پٽ جي قتل لاءِ انصاف جو مطالبو ڪيو ۽ چيو ته اهي پنهنجي نوجوان پٽ جي موت بابت حقيقتون سامهون اچڻ تائين خاموش نه رهنديون. مظاهرين پرزور مطالبو ڪيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان، وزير اعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر واقعي جو فوري طور تي نوٽيس وٺن ۽ شفاف ۽ غير جانبدار جاچ ڪرائين، ماجد علي ملڪ جي پوسٽ مارٽم رپورٽ وارثن کي فراهم ڪن ۽ لاش کي قبر مان ڪڍڻ ۽ قانوني طريقيڪار مطابق وارثن جي حوالي ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. انهن مطالبو ڪيو ته نوجوان جي قتل ۾ ملوث عنصرن کي بي نقاب ڪيو وڃي ۽ گرفتار ڪيو وڃي، ۽ جيڪڏهن جاچ ۾ ڪنهن به پوليس اهلڪار جي غفلت يا جوابدار جي مبينا مدد ثابت ٿئي ٿي ته ان خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. وارثن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته موت جو اصل سبب ظاهر ڪيو وڃي ۽ انهن جي خاندان کي انصاف فراهم ڪري انهن جي ڏک ۽ پريشاني کي ختم ڪيو وڃي.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

ٿيندو جنهن ۾ عالمي سيڙپڪار کاڻين جي ڪمپنين جا عملدار، مالي ادارا ۽ فني ماهر شرڪت ڪندا. فورم جو مقصد پاڪستان جي معدني وسيلن ۾ عالمي سيڙپڪاريءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ معدنيات جي شعبي کي ترقي ڏيارڻ آهي. پاڪستان حڪومت جي ميزباني ۽ خصوصي سيڙپڪاري سهولت ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ هن فورم جو ڀائيوار او جي ڊي سي آهي. ٻن ڏينهن واري فورم ۾ معدنيات جي ڳولا، نون منصوبن، سيڙپڪاري، تربيت يافته افرادي قوت ۽ کاڻين جي شعبي ۾ عورتن جي شموليت بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. فورم ۾ ريڪوڊڪ سميت وڏن معدني منصوبن جي ترقي، بنيادي سهولتن، برآمدي رستن، ريلوي، بجلي، پاڻي ۽ سي پيڪ سان رابطن بابت پڻ غور ڪيو ويندو. وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل عاصم منير اهم مقررن ۾ شامل آهن. وفاقي وزير توانائي علي پرويز ملڪ عالمي سيڙپڪارن کي فورم ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جا معدني وسيلا سيڙپڪاريءَ جا وڏا موقعا فراهم ڪن ٿا. حڪومت عالمي سهڪار ۽ ڊگهي مدي واري ڀائيواريءَ لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري رهي آهي. فورم ۾ عالمي ڪمپنين ۽ مالي ادارن جا نمائندا شرڪت ڪندا، جڏهن ته پاڪستان جي معدني وسيلن بابت 50 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا پيش ڪيا ويندا. ان موقعي تي معدنيات، جديد اوزارن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي عالمي نمائش پڻ منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ ريڪوڊڪ مائننگ ڪمپني، بيرڪ مائننگ ڪارپوريشن، پي پي ايل، او جي ڊي سي ۽ ٻيا ادارا شرڪت ڪندا.

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ڪئي آهي مشهور راڳي استاد نورمحمد لغاري جو سرڪاري سطح تي اعلاج ڪرائي سندن زندگي بچائي وڃي

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ڪنيي ڪٽي شاهراهه پٽو ٿائي جي حد ۾ ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي اسان جي نوجوان کي ماري ڇڏيو آهي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي صاف شفاف جاچ ڪرائي اسان جي نوجوان جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

بچل شاھ پاڙو ٿالهر ڪالوني،اوستاگاهي،لقمان ۽ ٻين آس پاس جي علائقن ۾ڇتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي. ڳوٺ پنواڙي ۾ ڇتي ڪتي جي حملي سبب 15 ڄڻا شاگرد عنايت الله ڪلهوڙو اعجاز اسلم ،پپو،شاهنواز جانب، اعجاز ڪلهوڙو مصطفي، مجاهد ڪلهوڙو ارباب علي سميت 15 ڄڻن کي ڏاڙهي سخت زخمي ڪري ڇڏيو آهي. جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڇتن ڪتن جي آزار سبب شهري سخت پريشان آهن. خيرپور شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح ، شاهنواز ڪلهوڙو اسد الله تاريجو ۽ ٻين شهر ۾ ڪتا مار مهم هلائي ڇتن ڪتن جي خاتمي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا، جن تي استادن جي جائز مطالبن جي حمايت ۽ ڪراچي ۾ استادن تي ٿيل تشدد خلاف نعرا لکيل هئا. استادن سخت نعريبازي ڪندي حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته استادن سان عزت ۽ احترام وارو رويو اختيار ڪيو وڃي ۽ سندن جائز مطالبن کي بنا ڪنهن دير جي تسليم ڪيو وڃي.هنن وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ استادن تي ٿيل تشدد واري واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي. آخر ۾ احتجاج ڪندڙ سوين استادن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جا سمورا جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري کين تحفظ، عزت ۽ حق فراهم ڪيا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ مطالبن جي مڃتا تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي.

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي خيرپور جو سوشل ميڊيا تي نفرت انگيز مواد شايع ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي جو حڪم خيرپور(در)ايس ايس پي خيرپور پاران سوشل ميڊيا تي نفرت انگيز مواد شايع ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.خيرپور پوليس پاران ضلعي جي عوام کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته سولنگي، جاگيراڻي يا ڪنهن به برادري خلاف نفرت انگيز اشتعال انگيز ۽ غير تصديق ٿيل مواد سوشل ميڊيا تي شيئر يا فارورڊ ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.پوليس موجب ڪجهه عنصر سوشل ميڊيا جو غلط استعمال ڪندي قبائلي تڪرارن کي هوا ڏيڻ ۽ ضلعي جي پرامن ماحول کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهڙن عنصرن جي نشاندهي لاءِ سوشل ميڊيا جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. جن جي لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن.خيرپور پوليس شهرين کي هدايت ڪئي آهي ته هو پنهنجي سوشل ميڊيا پوسٽن جو جائزو وٺن ۽ نفرت انگيز يا اشتعال انگيز مواد فوري طور ڊليٽ ڪن. مستقبل ۾ اهڙي ڪنهن به پوسٽ يا سرگرمي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

سرڪاري اسپتال اسلام ڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي کين ابتدائي طبي امداد ڏني وئي. اسپتال ذريعن موجب زخمين ۾ منو ڀيل، رامجي، ٿانجي، والجي، گهنشام، ونود، مگهن، هريش، هريان، ريکي ٻائي ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن ته زخمين مان ٻن ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ مٺي منتقل ڪيو ويو حادثي ۾ زخمي ٿيلن موجب گاڏي جو ٽائر اوچتو ڦاٽڻ سبب ڊرائيور گاڏي تي ضابطو نه رکي سگهيو،جنهن ڪري حادثو پيش آيو. ٻئي طرف سڄاڻ ڌرين جو چوڻ آهي ته ٿرپارڪر ۾ ٽريفڪ جي قانونن تي عمل درآمد نه ٿيڻ ڪري روڊ حادثا روز جو معمول بڻيل آهن، ٿنڊين گاڏين گنجائش کان وڌيڪ ماڻهو ويهاريا وڃن ٿا

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

خدا آباد جي مگنهار . ڪوسا ۽ ٻين برادرين پاران ڏنڊا کڻي احتجاجن روڊ بلاڪ ڪري ريلوي ڦاٽڪ بند ڪري ڇڏيو . احتجاج سبب ٽنڊوالهيار . ڪراچي . ميرپورخاص . نواب شاھ ۽ ٻين شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي ويون . احتجاج ۾ مردن سان گڏ عورتن جو به وڏو انگ شامل هو . احتجاج ڪندڙن ڏانهيو ته پوليس ڪٽر جي مشين تي مزدوري ڪندڙ ٻن نوجوانن قربان ۽ امجد مگنهار کي بلا جواز گرفتار ڪري کڻي وئي آهي جن کي گم ڪيو ويو آهي ته پوليس اسان جي نوجوانن کي هاف فرائي ڪندي هنن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جي گرفتار نوجوانن کي آزاد ڪيو وڃي .

حڪومت سنڌ
صحت کاتو

ڊاڪٽر رُٿ ڪي-ايم-فاؤ سول اسپتال ڪراچي

پاڪستان جي سڀ کان وڏي سرڪاري شعبي جي تدريسي اسپتال
باباءِ اردو روڊ، ڪراچي، پاڪستان. فون: 021_99215740 فيڪس: 021_9915959
Email: info@chk.gov.pk Web: www.chk.gov.pk

No: PROC/DF/2026-27/10901 Dated. 04-11-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

عنوان: مالي سال 2027-2026 دوران ڊاڪٽر رُٿ ڪي. ايم. فاؤ سول اسپتال ڪراچي ۾ پاڪستان بيت المال جي مريضن لاءِ اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي ساليانہ ٽينڊر.

ڊاڪٽر رُٿ ڪي ايم. فاؤ سول اسپتال ڪراچي پاران مالي سال 27_2026 دوران هيٺين ڪيٽيگري جي فراهمي لاءِ ايف بي آر / ايس آر بي (جيڪو به لاڳو ٿئي) جي فعال ٽيڪس ڏيندڙن جي فهرست ۾ شامل سپلائرز / فرمز / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / مجاز ڊسٽريبيوٽرز کان سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي قاعدي 46(1) تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار ذريعي اي_آڇون گهرايون وڃن ٿيون. ٽينڊر دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا شامل آهن. هيٺ ڏنل ويب سائيٽ تان ڏسي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا: https://portalsindh.epocure.gov.pk/#/

ٽينڊر نمبر	ٽينڊر جو نالو / عنوان	بڊ سيڪيورٽي	واڪ دستاويزن جي قيمت	ٽينڊر دستاويز حاصل ڪرڻ / ڊائون لوڊ ڪرڻ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ
1	اي اين ٽي ڊپارٽمينٽ جي لاءِ ڪوڪليئر امپلانٽس جي خريداري	ڪوٽ ڪيل قيمت جي ڪل ماليت جو 2.5 سيڪڙو	3,000روپيا	10نومبر 2026 کان 26 نومبر 2026، صبح جو 10:00 وڳي تائين	26نومبر 2026 تي صبح جو 11:00 وڳي کان منجهند جو 12:00 وڳي تائين آڇون جمع ڪرايون وينديون، جڏهن ته کولڻ جو عمل ساڳئي ڏينهن منجهند جو 12:30 وڳي ڪيو ويندو

اليڪٽرانڪ آڇون صرف EPADS ذريعي جمع ڪرايون وينديون. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ https://sindh.epocure.gov.pk/#/supplier/registration تي EPADS سسٽم ۾ پنهنجي رجسٽريشن ڪرائڻ لازمي آهي: واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل آڇ مٿي ڄاڻايل شيڊول موجب EPADS تي جمع ڪرائڻ لازمي آهن. ٽينڊرفي ۽ آڇ جي قيمت جي بڊ سيڪيورٽي جو اصل مالي دستاويز، اي_آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ پروڪيورنگ ايجنسي وٽ پهچڻ لازمي آهي، جڏهن ته آڇون ساڳئي ڏينهن هيٺ ڏنل پتي تي کوليون وينديون: آفيس ميڊيڪل سپرينٽنڊنٽ، ٻين ماڙ، بورڊ روم، ڊاڪٽر رُٿ ڪي. ايم. فاؤ. سول اسپتال ڪراچي.

نوٽ:

- ※ اي_آڇ بابت ڪنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا لاءِ ڊاڪٽر رُٿ ڪي. ايم. فاؤ سول اسپتال ڪراچي سان فون نمبر 021_99215733 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- ※ جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪنهن به عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي يا ڪي ناموافق حالتون پيدا ٿين ته ٽينڊر / آڇون ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي وقت تي ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن کوليون وينديون.
- ※ پروڪيورنگ ايجنسي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به هڪ يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾ امڪاني واڪ ڏيندڙ ڪم واري ڏينهن ۽ وقت دوران EPADS هيلپ لائن 237_137_111_051 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

INF/KRY/5001/2026

ميڊيڪل سپرينٽنڊنٽ
ڊاڪٽر رُٿ ڪي. ايم. فاؤ سول اسپتال ڪراچي.

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

نوٹس برائے برخاستگی سروس
ڈی ایچ اے کراچی

مسمی تیمور عباس کو مطلع کیا جاتا ہے کہ آپ کو ڈی ایچ اے، کراچی میں بطور بیکر مورخہ 1اپریل 2026 سے تعینات کیا گیا تھا۔ آپ مورخہ 1 ستمبر 2026 سے تا حال ڈیوٹی سے غیر حاضر ہیں۔ آپ کو پاکستان ڈیفنس آفیسرز ہاؤسنگ اتھارٹی کراچی کے سروس رولز کے مطابق مختلف تاریخوں میں بذریعہ ڈاک/کوریئر 3 عدد شوکاز نوٹس جاری کیے گئے، لیکن آپ نے کوئی جواب نہیں دیا۔ لہٰذا اس اشتہاری نوٹس کے ذریعے آپ کو آخری موقع دیا جاتا ہے کہ اس نوٹس کی تاریخ سے 10 دن کے اندر اپنی ڈیوٹی پر حاضر ہوں، بصورت دیگر اتھارٹی آپ کو ملازمت سے برخاست کرنے کا حق رکھتی ہے۔

پاکستان ڈیفنس آفیسرز ہاؤسنگ اتھارٹی
2/B، ایسٹ سٹریٹ، فیز I، ڈی ایچ اے کراچی۔ 75500
رابطہ نمبر 589-589-111 فیکس نمبر 35446406

گولاڙچي پرسان اي سي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، نوجوان فوت، هڪ زخمي

لڳ لغاري سم پرسان اي سي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ فيصل ميمڻ ٿلهي تي فوت، جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي لڳ لغاري سم پرسان اي سي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 25 ورهين جو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

بدين: باريجا صحافين خلاف مبينا ڪوڙن ڪيسن ۽ هراسان ڪرڻ خلاف بدين جا صحافي احتجاج ڪندي

خيرپور ويجهو هٿياربندن جي دڪان تي چڙهائي، مزاحمت تي هڪ ڄڻو زخمي

مٺڙي واري علائقي ۾ هٿياربندن محمد مٺل رڌ جي دڪان تان ڦرڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿياربند دڪاندار کي گوليون هڻي زخمي ڪري فرار، زخمي اسپتال منتقل

خيرپور(ڊر) خيرپور جي علائقي ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد مٺڙي واري علائقي ۾ ڪرياڻ دڪان تان نامعلوم هٿياربندن پاران ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي دڪان مالڪ محمد مٺل رڌ پاران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن کين گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي زخمي دڪاندار کي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور پهچايو جڏهن ته واقعي کان پوءِ هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا آهن پوليس ذريعن موجب ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي

راضيديرو لڳ ڳوٺ عرض محمد ملاح واسين جو اسڪول نه هجڻ خلاف احتجاج

تعليم کاتي خيرپور، گمبٽ ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيلون ڪيون آهن پر ڪير ٻڌڻ وارو ناهي

اسان کي اسڪول ڏئي ڪري اسان جي معصوم ٻارڙن جي مستقبل کي سنواريو وڃي

راضيديرو(ن ع) راضيديرو لڳ ڳوٺ عرض محمد ملاح جي معصوم ٻارڙن جو احتجاج احتجاج ڪرڻ جو جڏهن سبب معلوم ڪيو ويو ته معصوم ٻارڙن ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ۾ سرڪاري اسڪول هوندو هيو جيڪو ڪافي سالن کان بند پيل آهي ۽ اهو اسڪول ڀڙولو شيناڻي ۾ هلندڙ هيو جيڪو اسان ملاحن ڇورائي ڏنو ويو هيو جيڪا اسان ۽ انهن ڳوٺاڻن سان سراسري ناانصافي ڪئي وئي هئي ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو اسڪول ختم ڪيو ويو ان سلسلي ۾ اسان جي ڳوٺاڻن تعليم کاتي خيرپور، گمبٽ ۽ چونڊيل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: مهاجر قومي موومينٽ جو سربراهه آفاق احمد پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ايڇ يو جي جي سڏ تي صحافي باريجا پائرن تي ٿيندڙ ظلم ۽ جامشورو پوليس گردي خلاف احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا

حيدرآباد سميت ڪراچي کان ڪشمور ۽ ڪارونجهر کان ڪوهستان تائين سڄي سنڌ سراپا احتجاج، هزارين قلم ڌڻي روڊن تي نڪري آيا

صحافي باريجا پائرن تي ٿيندڙ ظلم، پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي ڏاڍ ۽ جامشورو پوليس گردي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا

حيدرآباد لالا رحمان سمون، خالد ڪوڪر، اقبال ملاح، وسيم خان، چام فريد لاکو ۽ جاني خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ اولڊ ڪئمپس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

صحافي باريجا پائرن سان جامشورو پوليس ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي،پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر جي دٻاءَ ۾ اچي ايس ايس پي ڪمداري ڪري رهيو آهي:لالا رحمان سمون

ايس ايس پي انهن عملدارن تي جي آءِ ٽي جوڙي آهي، جيڪي پاڻ قانون کان مٿانهين ڪارروايون ۽ ظلم برپا ڪرڻ ۾ ملوث آهن،اسان اهڙي جڙتو جي آءِ ٽي کي رد ڪيون ٿا:خالد ڪوڪر

پي پي ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر ڪوهستان جي راڄن جو وڏو آهي، جنهن کي وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي معاملي کي حل ڪرڻ گهرجي ها

بيگناهه مارجي ويل نوجوان دلشير برفت جي قتل واقعي، صحافي باريجا پائرن تي لڳايل الزامن ۽ پوليس گردي جي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو عدالتي ڪميشن قائم ڪيو وڃي

جامشورو ضلعو کي پوليس اسٽيٽ بڻائيندڙ ايس ايس پي سڄي واقعي جو پاڻ ذميوار آهي:اقبال ملاح،يعقوب سومرو،وسيم خان،چام فريد لاکو ۽ جاني خاصخيلي جو خطاب

حيدرآباد(رپورٽ:غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري)ايڇ يو جي جي سڏ تي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

پي ايم آءِ ايف 26: پاڪستان پاران عالمي سيڙپڪارن کي معدني وسيلن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سميت عالمي ڪمپنين جا نمائندا فورم ۾ شرڪت ڪندا

ريڪوڊڪ سميت معدني منصوبن ۾ سيڙپڪاري، نيون ڪاٿيون ڳولڻ ۽ معدنيات جي تياريءَ بابت عالمي ماهرن جي ڏي وٺ ڪندا

ٻن ڏينهن واري فورم ۾ 50 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا پيش، معدنيات ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي عالمي نمائش پڻ منعقد ٿيندي

اسلام آباد(پ ر) پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم 2026 ع (پي ايم آءِ ايف 26) 12 ۽ 13 نومبر تي اسلام آباد ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ: جامشوري جي عدالت ۾ سينيئر صحافي عظيم باريجو کي پيش ڪيو پيو وڃي

گلاب لغاري لڳ موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، ڪلاسيڪل راڳي سخت زخمي

گلاب لغاري مين روڊ تي آمهون سامهون موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ استاد نورمحمد لغاري سخت زخمي ٿي پيو، حيدرآباد اسپتال منتقل

گلاب لغاري (ن ع) چمبڙ گلاب لغاري مين روڊ جي ٽنيل پير اسٽاپ وٽ آمهون سامهون موٽر سائيڪلن جي ٽڪر جي نتيجي ۾ گلاب لغاري ڏائهن اينڊ مشهور ڪلاسيڪل راڳي استاد نورمحمد لغاري شديد زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقه اسپتال چمبڙ مان فرسٽ ملڻ بعد کين نازڪ حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي جتي سندن حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي زخمي راڳي استاد نورمحمد لغاري گلاب لغاري جي ڳوٺ جيئند لغاري جو رهواسي آهي ٻئي طرف علائقي واسين سنڌ حڪومت کان گهر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

گولاڙچي: اي سي ڪوچ ۽ موٽرسائيڪل ۾ فوت ٿيل نوجوان جي حياتي جي تصوير

ڏکڻ واسين جو ڪراچي پوليس خلاف احتجاج، نوجوان کي مارڻ جا الزام

مظاهرين عمر، عبدالڪريم، زاهد، راحت خاتون افروز خاتون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پوليس نوجوان عامر کي گهران ڪڍي ڪوڙي مقابلي ۾ ماريو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ڏکڻ (ن ع) ڪراچي ۾ 10 ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ڳوٺ لڳ ڳوٺ رحمت پور چنو واسي نوجوان عامر چنو جي وارثن پريس ڪلب ڏکڻ پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيوجتي مظاهرين ڪراچي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا.ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ مظاهرين عمر چنو عبدالڪريم زاهد حسين عبدالله چنو،راحت خاتون افروز خاتون،رضيه خاتون ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته اسانجو نوجوان عامر چنو ڪراچي ۾ رڪشو هلائيندو هيو،ڪراچي پوليس اسانجي نوجوان عامر چنو کي گهران

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو5

ڏکڻ مان 10 ڏينهن اڳ گم ٿيل نوجوان جو ڪيس 5 ڄڻن خلاف داخل

ڳوٺ ٻڌو واسي سڄاد سولنگي جي وارثن خيرل ڪکراڻي ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪرايو

جوابدار پٽ کي فون ڪري گهرائي اغوا ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: موقف

ڏکڻ (ن ع) ڏکڻ لڳ ڳوٺ ٻڌو مان 10 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان سڄاد سولنگي جو اغوا ڪيس ڏکڻ پوليس مغوي نوجوان ڳوٺاڻي جي پيءُ برڪت سولنگي جي فرياد تي ڪن اڻ ڄاتلن سميت 5 جوابدارن خيرل عرف خيرو ڪکراڻي ۽ ساجد ڪکراڻي خلاف اغوا جو ڪيس داخل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو5

خيرپور پوليس جي گهر مٿان چڙهائي خلاف چانڊيا برادري جي عورتن جو احتجاج

پوليس گهر ۾ گهڙي عورتن تي تشدد ڪري نوجوان وارث کي گرفتار ڪيو آهي: مظاهرين

ڊي آءِ جي، ايس ايس پي نوٽيس وٺي گرفتار نوجوان کي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪن

خيرپور(ڊر)خيرپور جي لقمان جي علائقي ۾پوليس جي گهر مٿان چڙهائي خلاف چانڊيا برادري جي عورتن جو سخت احتجاج ڪيو احتجاج جي اڳواڻي آسيه چانڊيو ۽ ٻيون عورتون ڪري رهيون هيون ان موقعي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ: غلط انجيڪشن لڳڻ سبب فوت ٿيل نينگري جو لاش پيل آهي

حيدرآباد جي عدالت سپلا جو نئون آئين رد ڪري ڇڏيو، پراڻو آئين بحال، رٿيل اليڪشن ملتوي

هما نور ۽ سيد حسن اقبال ڪاظمي پاران سينيئر سول جج نمبر 6 جي عدالت ۾ داخل ڪرايل درخواست تي فيصلو اچي ويو

تڪراري نئين آئين کان اڳ نافذ 30 نومبر 2004 ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي: عدالت جو حڪم

24 اپريل 2025 ع تي ڪنوينشن ۾ منظور ڪرايل نئين آئين تي عملدرآمد نه ڪيو وڃي، اليڪشن پراڻي آئين تحت ٿيندي

جاري ڪيل حڪم عبوري نوعيت جو آهي، ڌريون ايندڙ ٻڌڻيءَ تي پنهنجا اعتراض ۽ جواب داخل ڪرائي سگهن ٿيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سينيئر سول جج نمبر 6 حيدرآباد جي عدالت سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن (SPLA) جي نئين متعارف ڪرايل آئين تي عملدرآمد روڪيندي 30 نومبر 2004 ع واري پراڻي آئين تي عملدرآمد جاري رکڻ جو عبوري حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد سپلا جي نئين آئين تحت ٿيندڙ اليڪشن معطل ٿي وئي آهي عدالت پاران 4 نومبر 2026 ع تي جاري ڪيل حڪم ۾ چيو ويو آهي ته 24 اپريل 2025 ع تي ٿيل ڪنوينشن ۾ مبينا طور منظور ڪرايل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڊاڪٽر پاران مبينه غلط انجيڪشن لڳڻ سبب نينگري فوت

وارث نينگري تسليم ڌيءَ عنايت مستوئي کي بخار سبب ڊاڪٽر وٽ کڻي آيا

نينگري کي مبينه غلط انجيڪشن هنئي،جنهن سبب هوءَ بيهوش ٿي وئي

ڊاڪٽر مشرف پاڻ ڊي ،ايڇ، ڪيو ڪوٽڙي ۾ ڇڏي لپائي ڪر ٿي ويو،وارث

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڊاڪٽر پاران مبينه غلط انجيڪشن لڳڻ سبب 6 ورهين جي نينگري فوت.الرحمان ڪلينڪ خورشيد چونڪ وٽ معمولي بخار جي شڪايت کڻي وارث معصوم نينگري تسليم ڌيءَ عنايت علي مستوئي ڊاڪٽر مشرف وٽ پهتا،جتي ڊاڪٽر غير ذميواري جو مظاهرو ڪندي معصوم نينگري کي مبينا غلط انجيڪشن هنئي جنهن سبب نينگري بيهوش ٿي وئي ڊاڪٽر مشرف پاڻ بچائڻ لاءِ بيهوش ٿي ويل تسليم جي والدين کي ڊي .ايڇ. ڪيو اسپتال ڪوٽڙي آندو،ايمرجنسي ۾ معصوم نينگري کي بيڊ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو5

خيرپور ۾ پرياسي چٽن ڪتن حملو ڪري شاگرد سميت 15 ڄڻن کي ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏيو

شاگرد عنايت الله ڪٽوهر، اعجاز، اسلم ،پپو،شاهنواز، جانب، اعجاز ڪٽوهر، مصطفي ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح ۽ ٻين پاران شهر ۾ ڪتا مار مهم هلائي ڪتن جي خاتمي جو مطالبو

خيرپور(ڊر)خيرپور ۾ اس پاس چٽن ڪتن جو آزار ڇتي ڪتي حملو ڪري شاگرد سميت 15 ڄڻن کي ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏيو وڌو انگ ٻارڙن جو شامل اسپتال منتقل تفصيل موجب خيرپور جي محلا شهيد آباد ٻڪڙي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو5

بلڙي شاهه ڪريم: پ پ اڳواڻ غلام نبي مگسي جي گهر واري جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

گمبٽ ۾ استادن جو ڪراچي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

استادن ايوب ملاح، مبشر علي ابڙو، آصف علي ابڙو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي استادن جا جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪيا وڃن

گمبٽ (ت ر)ڪنگري تعلقي جي استادن ڪراچي ۾ پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندڙ استادن تي ٿيل تشدد ۽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سوين استادن پاران ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ تعلقي ڪنگري جي مختلف اسڪولن سان تعلق رکندڙ استادن جن ۾ غلام سرور ڪانهر فوڪل پرسن محمد ايوب ملاح مبشر علي ابڙو آصف علي ابڙو راڻو خان چانڊيو منور ميتلو عبدالحفيظ خان ۽ ٻين استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو5

خيرپور ويجهو اڄڻ برادري ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي

خيرپور(ڊر) خيرپور لڳ ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ نبي اڄڻ ۾ سڱاوتي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان عاشق علي اڄڻ زخمي ٿي پيو ٻڌايو پيو وڃي ته جوابدارن گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان عاشق علي اڄڻ کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جڏهن ته زخمي نوجوان کي سول

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو5

ڏگهڙي: جامشوري ۾ صحافين تي پوليس تشدد خلاف صحافي احتجاج ڪندي

اسلام ڪوٽ ويجهو لانگ گاڏي ڪلٽي، عورتن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻا زخمي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ ڊينڪاريو وٽ جهانگرو ٿاڻي جي حد ۾ لانگ گاڏي جو ٽائر اوچتو برسٽ ٿيڻ سبب گاڏي ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حادثي ڪانپوءِ زخمين کي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو5

خيرپور پوليس جو چوٿين ڏينهن به ٽارگيٽيڊ آپريشن جاري، 70 کان وڌيڪ ماڻهو گرفتار

سولنگي ۽ جاگيراڻي برادرين ۾ ٿيل تڪرار ڪانپوءِ علائقي ۾ پوليس ۽ رينجرز جو سرچ آپريشن جاري آهي: ايس ايس پي

آپريشن دوران ڏوهاري عنصرن ۽ سهولتڪارن جي گهرن ۽ اڏاوتن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مڪسي جي سربراهيءَ ۾ رينجرز ۽ ضلعي پوليس پاران وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد جي مختلف ڳوٺن ۾ ڏوهاري عنصرن ۽ جهيڙن ۾ ملوث

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

مٺي: مطالبن جي مڃتا لاءِ استادن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سکر يونين آف جرنلسٽس پاران ڪوٽڙي جي صحافي باريجو پائرن تي ظلم خلاف احتجاج

قلم ڌڻين لالا اسد پٺاڻ، جاويد جتوئي، ڪامران شيخ، شهزاد تاباڻي، خالد ٻنين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافين کي حقيقتون ظاهر ۽ پيشيوراڻو ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪڻ پريس جي آزادي تي حملو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اپيل تي سکر يونين آف جرنلسٽس پاران اڄ سکر پريس ڪلب جي سامهون ڪوٽڙي جي صحافي باريجو پائرن ۽ انهن جي خاندان تي جامشورو پوليس جي مبينا انتقامي ڪارروايون هڪ بااثر سردار جي دٻاءَ هيٺ ڪيل پوليس جي ظلم ۽ ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ صحافي اڳواڻن ۽ صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران "سنڌ منهنجي امان" جي نعري هيٺ رٿيل قومي ڪانفرنس بابت اديبن، دانشورن ۽ ليکڪن سان ٿيل مشاورتي گڏجاڻي

29 نومبر سنڌ جي تاريخي وحدت ۽ بقا جي حوالي سان اهم ڏينهن ثابت ٿيندو:قادر مگسي

سنڌ ڪو هنگامي،عارضي انتظامي بنيادن تي جوڙيل خطو ناهي، هڪ فطري، تاريخي ۽ شاندار تهذيب،ثقافت،ٻولي،روايتن ۽ الڳ قومي سڃاڻپ رکندڙ وطن آهي

سنڌ جو عوام پنهنجي وطن جي وحدت ۽ بقا جي تحفظ لاءِ هميشه متحد رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ به سنڌ جي ورهاڱي جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندو

سنڌ جي تاريخ رڳو چند صدين تي مشتمل ناهي،پر هيءَ ڌرتي دنيا جي قديم ترين تهذيبن مان هڪ عظيم تهذيب جي وارث آهي

سنڌ جي تاريخي وحدت ڪنهن سياسي جماعت يا مخصوص طبقي جو مسئلو نه، پر هتي رهندڙ سمورن ماڻهن جي گڏيل مستقبل جي وجود جو سوال آهي

ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي نعري هيٺ ٿيندڙ عوامي ميڙ ۾ سنڌ کي پنهنجو مادر وطن سمجهندڙ هر ماڻهو ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو نظر ايندو

جڏهن به سنڌ جي قومي وجود، وسيلن، حقن يا تاريخي وحدت کي ڪو خطرو پيش ايو آهي ته سنڌ جي اديبن قلم، فڪر ۽ جدوجهد ذريعي ترجماني ڪئي آهي

گڏجاڻي ۾ ڪراچي ۾ استادن جي احتجاج تي پوليس جي لاٺي چارج ۽ گرفتارين جي مذمت، گرفتار سمورن استادن کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽ:غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ ڪو هنگامي، عارضي يا انتظامي بنيادن تي جوڙيل خطو ناهي پر سنڌ هڪ فطري، تاريخي ۽ هزارين

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم پوليس پاران ٻن نوجوانن کي گرفتار ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي ڌرڻو

پوليس ڳوٺ حيدر خان مري ۾ ڪتر جي مشين تي مزدوري ڪندڙ قربان ۽ امجد مڱڻهار کي گرفتار ڪيو

واقعي خلاف مڱڻهار، ڪوسا ۽ ٻين برادرين پاران ڏنڊا کڻي احتجاجن روڊ ۽ ريلوي ڦاٽڪ بند ڪري ڌرڻو

خدشو آهي ته پوليس اسان جي نوجوانن کي هاف فرائي ڪندي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪن

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ حيدر خان مري مان ٽنڊوآدم سٽي پوليس پاران مبينه طور تي ٻن نوجوانن .قربان ۽ امجد مڱڻهار کي گرفتار ڪرڻ خلاف ڳوٺ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

سکر: روهڙي ميونسپل ڪارپوريشن جو ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سنڌو درياهه تي ڏيڍ سئو سالن کان پنجاب زبردستي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي:اياز لطيف پليجو

سنڌو درياهه ڪانسواءِ سنڌ جي وجود جو تصور به ممڪن ناهي،سنڌو درياهه تي ڪو به ڊيم قبول ناهي

حڪمران سنڌ جو پاڻي چوري ڪرائڻ ۾ سهولتڪار بڻيل آهن،سنڌو درياهه سنڌ جي زندگي زراعت ۽ معاشي بقا جو بنيادي سهارو آهي

چشما جهلم، تونسا پنجند لنڪ ڪئنال، جلالپور ڪئنال ۽ گريٽر ٿل ڪئنال ڌاڙيل واهه آهن، جن ذريعي زبردستي پاڻي چوري ڪيو پيو وڃي

پاڻيءَ جي رهڪري ۾ وڌيڪ رڪاوٽون وڌيون ويون ته ان جا نتيجا رڳو زراعت تائين محدود نه رهندا پر سنڌ بنجر ۽ ڀڙڀانگ ٿي ويندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته سنڌو درياهه ڪانسواءِ سنڌ جي وجود جو تصور به ممڪن ناهي، سنڌو درياهه تي ڪو به ڊيم قبول ناهي سنڌو درياهه تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو5

ڪنڌڪوٽ: استاد مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان: ايڇ يو جي جي سڏ تي باريجو پائرن صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پ پ اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ سندس ڳورهاري گهرواري جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مک جوابدار ابراهيم مگسي جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف وارثن ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪئي

مقتول جي امڙ خانزادي مگسي پٽ،نُنهن ۽ اڻ ڄاول ڏوهٽي جي وڇوڙي تي لڙڪ لاڙيندي انصاف جي اپيل ڪئي

جوابدار ڌر ڪيس واپس وٺڻ لاءِ دٻاءُ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهي آهي، مک جوابدار گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي:خانزادي مگسي

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر)بلڙي شاهه ڪريم ۾ پ پ اڳواڻ غلام نبي مگسي ۽ سندس پنجن مهينن جي ڳورهاري گهرواري دعا عرف سمرين مگسي جي قتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار ابراهيم مگسي جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف وارثن ٻارڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو5

جامشوري ۾ صحافين تي مبينا پوليس تشدد خلاف ڏگهڙي ۾ احتجاج

بااثر شخص جي چوڻ تي صحافين خلاف پوليس ڪارروايون ڪيون پيون وڃن:مظاهرين

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب جي صحافين پاران جامشوري ۾ صحافين تي پوليس تشدد خلاف صحافين جو احتجاجي مظاهرو،صحافين خلاف مبينا پوليس ڪاروايون ناجائز گرفتاريون ۽ عورتن جي

بقايا نمبر15 ڏسو صفحو5

ٺٽي ۾ پرائمري استادن تي پوليس تشدد ۽ گرفتارين خلاف سيڪنڊري استادن جو احتجاج

گمشا جي سڏ تي مختلف اسڪولن جي استادن ٻانهن تي ڪارون پٽيون ٻڌي احتجاج رڪارڊ ڪرايو

گرفتار استادن جي فوري آزادي، تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) گذريل ڏينهن مطالبن جي مڃتا لاءِ پ ٽ الف جي سڏ تي ڪراچي ۾ پرائمري استادن جي احتجاجي مارچ تي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

دادو: نئين مقرر ڊسٽرڪٽ اٽارني جاويد احمد ديناري سان اسرار احمد سومرو ملي رهيو آهي

جاويد احمد ديناري دادو ۾ ڊسٽرڪٽ اٽارني مقرر

دادو جي ڊسٽرڪٽ اٽارني طور جاويد ديناري ذميواري سنڀالي ورتي

ماتحت آفيسرن سان گڏجي جوهي تعلقي جو پهريون دورو، ججن سان ملاقاتون

لا آفيسر سرڪار جي دلچسپي وارن ڪيسن ۾ خاص ڌيان ڏين: جاويد ديناري

دادو (ن ع) سنڌ سرڪار 19هين گريڊ جي آفيسر جاويد احمد ديناري کي دادو ضلعي جو انچارج ڊسٽرڪٽ اٽارني مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جنهن چارج وٺي پنهنجون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن ۽ پنهنجي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو5

ڪيهر: ڪراچي ۾ استادن تي تشدد خلاف پ ٽ الف پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

صحافي عظيم ۽ باريجو سندس ڀاءُ ٽن ڪيسن ۾ ريمانڊ ختم ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش

ڪوٽڙي پوليس صحافي عظيم باريجي ۽ شريف باريجي کي قتل،جهيڙي ۽ منشيات جي ڪيسن ۾ ريمانڊ ختم ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش ڪيو

سول جج ۽ ڪنزيومر ڪورٽ جي عدالت ۾ پيشي جي دوران احاطي ۾ سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي

عدالت ملزمن کي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو،عدالت جي احاطي ۾ عظيم باريجي لاءِ صحافي توڙي دوست وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا

ڪوٽڙي/ڪوٽڙي سائيٽ(نمائندن وٽان) ڪوٽڙي لڳ باريجا برفت برادري ۾ ٿيل تڪرار بابت ملزمن صحافي عظيم باريجي ۽ شريف باريجو کي ڪوٽڙي پوليس ڪن الڳ الڳ ڪيسن قتل جهيڙي ۽ منشيات جي ڪيسن ۾ ريمانڊ ختم ٿيڻ تي سول جج ۽ ڪنزيومر ڪورٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو،پيشي جي دوران عدالت جي احاطي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو5

قومي عوامي تحريڪ پاران ڪراچي ۾ استادن تي تشدد ۽ گرفتارين جي مذمت

استاد نئين نسل جي تعليم، تربيت ۽ مستقبل جي تعمير لاءِ وقف ڪندا آهن:مظهر راهوجو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ مظهر راهوجو، سينئر ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف خاصخيلي، ترجمان اشرف پليجو، شوڪت ٿيٻو ايڊووڪيٽ منور جتوئي ۽ ٻين ڪراچي پريس ڪلب آڏو پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پرامن

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو5

سکر: بچل شاهه مياڻي سکر جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

سکر ۾ ملڪ برادري جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، نوجوان کي قتل ڪرڻ جا الزام

پوليس 25 ورهين جي ماجد علي کي وحشياڻي قتل بعد لاش لاوارث سمجهي ايڌي انتظاميا حوالي ڪيو آهي: مظاهرين

جيڪڏهن نوجوان معمول مطابق فوت ٿيو آهي ته پوسٽ مارٽم رپورٽ ڇو رد ڪئي پئي وڃي

چيف جسٽس ، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي بچل شاهه مياڻي علائقي جي رهواسي ملڪ برادري سان تعلق رکندڙ مرد ۽ عورتن پنهنجي 25 سالن جي پٽ ماجد علي ملڪ جي مبينا وحشياڻي قتل ۽ سندس لاش کي لاوارث

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو5

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University

SUKKUR IBA UNIVERSITY

www.iba-suk.edu.pk

NOTICE OF REQUEST FOR PROPOSAL (RFP)

RE-TENDERING

The Sukkur IBA University invites sealed proposals/Request for Proposal (RFPs) from Eligible, Reputable, and Experienced engineering consulting firms, for the project titled: **"MDS Campus-II (Phase-I)-MV/LV Power Distribution System along with 11kV Substation-II at Campus-II".** Interested firms must demonstrate relevant experience, qualified personnel, and submit technical and financial proposals separately with references of similar projects.

1. Eligibility Criteria:

i. Valid and active registration with Pakistan Engineering Council (PEC) in the relevant category/discipline or higher.

II. Valid and active registration with Income Tax authorities (FBR) and Sindh Revenue Board (SRB).

III. Minimum 05 years of relevant experience in electrical engineering consultancy, particularly 11Kv/0.4kV (MV/LV) power distribution and 11kV substations projects.

IV. Demonstrated experience in successfully completed similar consultancy assignments of comparable nature, scope and complexity. Details/References of such projects shall be submitted with the proposal.

V. Demonstrated financial capacity, supported by audited financial statements last 05 financial years.

VI. The firm must not be blacklisted, debarred, or suspended by any Government/semi-Government organization or competent authority.

VII. Consortium/Joint Venture (JV) is permitted, subject to the conditions specified in the PRF, with a clearly identified lead firm.

VIII. Submission of Bid Security of Rs. 500,000/- along with the Technical Proposal in the prescribed form.

IX. Submission of Company Profile including nature of business, technical expertise and relevant project experience.

X. Submission of an undertaking confirming the authenticity of all submitted documents and absence of any conflict of interest.

XI. The successful consultant shall be required to enter into a formal contract/agreement in accordance with the RFP, TOR, scope of services, deliverables and timelines.

2. Method of Procurement: Quality and Cost Based Selection Method.

Tender/RFP Documents: Interested firms may download the Request for Proposal (REF) from website:

https://www.iba-suk.edu.pk/tenders and https://portalsindh.eprocure.gov.pk

i. Issuance: will be issued from date of publication/hoisting i.e from 05-11-2026 to 23-11-2026 at 10:30 am.

ii. Submission date will be 23-11-2026 up to 3:00 pm.

iii. Opening: will be opened on 23-11-2026 at 3:30 pm.

The RFP technical proposal will be opened **3:30 pm** before the consultant selection committee in the presence of consultant or their authorized representatives (Who may wish to appear) in the office of the **Project Director Sukkur IBA University.** The Financial Proposal shall be opened after the evaluation of technical proposal.

The Firms/Consultants providing unsubstantiated and/or incorrect information are liable to legal action and/or disqualification.

The Procuring Agency reserves the right to reject any or all bids subject to relevant provisions of SPP Rules, 2010 (amended up to date) and may cancel the bidding process at any time prior to the acceptance of a bid or proposal under Rule-25" of said Rules.

In case of any query/confusion, please email
at: pd@iba-suk.edu.pk and irfan.junejo@iba-suk.edu.pk

PID(H) 129/2026

PROJECT DIRECTOR
SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644441-5644025 Fax: 071-5804419

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.